DAILY AAS HYDERABAD
روزاني آس حيدرآباد
dailyaashyd@gmail.com
(سال15)خميس 27 جنوري 2022 ع بمطابق 23 جماد الاثاني 1443ھ شمارو 27 (قيمت 10 روپيا)

لاڙڪاڻي جو ڪچرو چيني ڪمپني ۽ اسلام آباد جو ڪچرو اسان صاف ڪنداسين: بلاول ڀٽو زرداري

هر شهر جيان لاڙڪاڻي ۾ به ڪچري جا مسئلا هئا، خبر پئي ته قائد عوام جي دور کان هيل تائين لاڙڪاڻي جي آبادي ۾ واڌ ٿي، مرتضيٰ وهاب کي ايڊمنسٽريٽر بڻائڻ سان ڪراچي ۾ بهتري آئي

هاڻي لاڙڪاڻي مان ڪچرو کنيو ويندو، عوام سهڪار ڪري ته جيئن گڏجي پنهنجي شهر کي صاف ڪري سگهون، شهرين جي سهڪار بنا اهو ڪم ممڪن ناهي

27 فيبروري کان شروع ٿيندڙ حڪومت مخالف لانگ مارچ ذريعي موجود حڪومت جو خاتمو آندو ويندو، مارچ ۾ شريڪ جيالا اسلام آباد پهچي اتان جي حڪومتي گند کي به صاف ڪندا

ڪراچي ۾ مرتضيٰ وهاب مختلف ضلعن ۾ ماهرن سان گڏ صفائي جو ڪم سنڌ سالڊ ويسٽ مئنيجمينٽ بورڊ سان گڏجي ڪيو آهي، هاڻ لاڙڪاڻي ۾ به سنڌ سالڊ ويسٽ مئنيجمينٽ بورڊ کي صفائي لاءِ آندو آهي

هتي به ڪجهه اهڙا ڪيوايم جهڙا سازشي ماڻهو آهن جن کي تصويرون ناهڻ ڏيو پر اسان صفائي سان جواب ڏينداسين، عملو ۽ مشينري اسان جا اثاثا آهن سڀني جو خيال رکڻو آهي

لاڙڪاڻو (رپورٽ) پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي ته 27 فيبروري کان نڪري اسلام آباد ۾ گڏ ٿيندڙ ڪچرو صاف ڪنداسين. لاڙڪاڻي ۾ تقريب سان خطاب ڪندي بلاول ڀٽو زرداري چيو ته هر شهر جيان لاڙڪاڻي ۾ به ڪچري جا مسئلا هئا، خبر پئي ته قائد عوام جي دور کان هيل تائين لاڙڪاڻي جي آبادي ۾ واڌ ٿي، مرتضيٰ وهاب کي ايڊمنسٽريٽر بڻائڻ سان ڪراچي ۾ بهتري آئي. هاڻ لاڙڪاڻي مان ڪچرو کنيو ويندو، عوام سهڪار ڪري ته جيئن گڏجي پنهنجي شهر کي صاف ڪري سگهون. شهرين جي سهڪار بنا اهو ڪم ممڪن ناهي. هن چيو ته ڪجهه سياسي عنصر آهن جيڪي /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 21

لاڙڪاڻو: پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري صفائي بابت پروجيڪٽ جي افتتاحي تقريب کي خطاب ڪندي

ملڪي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو حڪومت قانون جي بالادستي لاءِ سڌارا آڻي رهي آهي: وزيراعظم

حڪومت سول ۽ فوجداري انصاف واري نظام جي قانون ۾ ضروري تبديليون ڪري رهي آهي ته جيئن ملڪ ۾ انصاف جو نظام موثر ۽ غريبن جي پهچ ۾ هجي

1908 ع کان پوءِ پهريون ڀيرو حڪومت سول قانون ۾ تبديلي آڻي رهي آهي، ماضي ۾ ڪنهن به حڪومت هڪ صدي پراڻي قانون کي سڌارڻ جو نه سوچيو

ملڪ جي اها بدقسمتي رهي آهي جو گذريل حڪومتن جي ان قانون کي تبديل نه ڪرڻ جو سبب اشرافيه پنهنجي پاڻ کي قانون کان بچڻ ۽ فرار ٿيڻ لاءِ محفوظ رکيو هو، موجوده حڪومت ۾ عدليه آزاد آهي

انصاف جي فوري ۽ ضمانت جي فراهمي سٺي طرح بهتر حڪمراني سان ڳنڍيل آهي، عوام کي تڪڙو ۽ سستو انصاف فراهم ڪرڻ حڪومت جي اولين ترجيحن ۾ شامل آهي

وراثتي سرٽيفڪيٽ جي فراهمي اسلام آباد ۾ جنوري 2021 ع، پنجاب ۽ سنڌ ۾ جون 2021 ع ۽ خيبرپختونخواهه ۾ ڊسمبر 2021 ع کان يقيني بڻايو پيو وڃي

اسلام آباد (م ر) وزيراعظم عمران خان چيو آهي ته حڪومت سول ۽ فوجداري انصاف واري نظام جي قانون ۾ ضروري تبديليون ڪري رهي آهي ته جيئن ملڪ ۾ انصاف جو نظام موثر ۽ غريبن جي پهچ ۾ هجي. اسلام آباد ۾ وزيراعظم عمران خان جي صدارت هيٺ سول لاز سڌارن بابت اعليٰ سطحي اجلاس ٿيو. وفاقي وزير فروغ نسيم، فواد چوڌري، خصوصي معاون ڊاڪٽر شهباز گل، پنجاب جي وڏي وزير سردار عثمان بزدار قانون /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 22

اسلام آباد: وزيراعظم عمران خان سان آرمي چيف جنرل قمر جاويد باجوه ملاقات ڪندي

وسيم اختر، آفاق احمد ۽ خالد مقبول صديقي جا بيان سوچيل سمجهيل سازش آهن: سعيد غني

پاڪستان ڪرپشن ۾ 149 هين نمبر تي آيو آهي، پيپلزپارٽي جي دور ۾ پاڪستان 138 هين نمبر تي ۽ ن ليگ جي دور ۾ 117 هين نمبر تي هو

يوريا ڀاڻ جي کوٽ سبب ڪڻڪ جو فصل تباهه ٿي چڪو آ ۽ ايندڙ سال ۾ اٽي جو بحران پيدا ٿيندو

سنڌ، ڪي پي، بلوچستان پنهنجي ضرورت کان وڌيڪ گيس پيدا ڪن ٿا ان باوجود گيس جو بحران سمجهه کان ٻاهر آهي

ڪراچي (رپورٽ) صوبائي وزير سعيد غني چيو آهي ته وسيم اختر، آفاق احمد ۽ خالد مقبول صديقي جا بيان سوچيل سمجهيل سازش آهن /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 26

ايم ڪيو ايم جو وزيراعليٰ هائوس اڳيان ڌرڻو، پوليس جي شيلنگ ۽ لٺبازي، ڪيترائي گرفتار

احتجاج ڪندڙن شاهراهه فيصل کان مارچ ڪندي وزيراعليٰ هائوس وڃڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ ڌرڻو هنيو، ٽريفڪ جام

پوليس احتجاج ڪندڙن کي چڙهڙ ڪرڻ لاءِ ڳوڙها آڻيندڙ گئس جي شيلنگ ۽ لٺبازي ڪئي، جنهن سبب ڪيترائي زخمي ٿي پيا

پوليس ايم ڪيو ايم جي ڪيترن ئي ڪارڪنن کي گرفتار ڪري مختلف ٿاڻن تي منتقل ڪري ڇڏيو

ڪراچي (رپورٽ) ايم ڪيو ايم پاڪستان سنڌ حڪومت جي مقامي قانون خلاف وزيراعليٰ هائوس سامهون ڌرڻو هنيو جنهن ڪانفرنس پوليس احتجاج ڪندڙن کي چڙهڙ ڪرڻ لاءِ لٺبازي ۽ شيلنگ ڪئي /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 24

وزيراعظم عمران خان سان آرمي چيف ۽ ڊي جي آءِ ايس آءِ جي اهم ملاقات

ملاقات ۾ چين جي دوري سميت ملڪ جي سيڪيورٽي ۽ خطي جي صورتحال تي ڳالهيون

آرمي چيف جنرل قمر جاويد باجوه ۽ ڊي جي آءِ ايس آءِ، وزيراعظم هائوس جو پڻ دورو ڪيو

اسلام آباد (م ر) وزيراعظم عمران خان، آرمي چيف جنرل قمر جاويد باجوه ۽ ڊي جي آءِ ايس آءِ ليفٽيننٽ جنرل نديم انجم وچ ۾ اهم ملاقات ٿي /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 23

سپريم ڪورٽ راوي اربن اٿارٽي جي بحاليءَ جو حڪم واپس وٺي ڇڏيو

راوي اربن منصوبو ڪيس بابت هاءِ ڪورٽ جو حتمي فيصلو اچي چڪو آهي: سپريم ڪورٽ

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) سپريم ڪورٽ راوي اربن اٿارٽي جي بحاليءَ جو حڪم واپس وٺي ڇڏيو. لاهور هاءِ ڪورٽ جي فيصلي خلاف پنجاب سرڪار جون اپيلون اڪلائي ڇڏيون /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 25

پشاور هاءِ ڪورٽ جي انڪوائري رپورٽ جمع نه ڪرائڻ تي نيب کي ڇنڊ

مالم جبا، بئنڪ آف خيبر ۽ بلين ٽري سونامي انڪوائري بابت ڪيس جي ٻڌڻي

آڪٽوبر کان ڪيس ٻڌي رهيا آهيون، اڃا تائين نيب رپورٽ جمع ناهي ڪرائي: عدالت

پشاور (م ر) پشاور هاءِ ڪورٽ نيب طرفان مالم جبا، بئنڪ آف خيبر ۽ بلين ٽري سونامي انڪوائري رپورٽون جمع نه ڪرائڻ تي ڪاوڙ جو اظهار /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 27

وزيراعظم ڪنفيوز ناهي، يقين ڪريو عمران خان رستن تي آيو ته واقعي به وڌيڪ خطرناڪ هوندو: شيخ رشيد

راولپنڊي (م ر) وفاقي گهرو وزير شيخ رشيد چيو آهي ته وزيراعظم ڪنفيوز ناهي، يقين ڪريو عمران خان رستن تي آيو ته واقعي به وڌيڪ خطرناڪ هوندو /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 28

پي ڊي ايم پيپلزپارٽي سان گڏجي حڪومت خلاف تحريڪ هلائيندي: منظور وساڻ

خيرپور (نمائندو) پ پ اڳواڻ ۽ صوبائي صلاحڪار منظور وساڻ چيو آهي ته پي ڊي ايم پيپلزپارٽي سان گڏجي حڪومت خلاف تحريڪ هلائيندي /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 29

ثابت ٿيو ته عمران خان جي نئين پاڪستان ۾ رڳو ڪرپشن ٿي آهي: شهباز شريف

عمران خان ڪرپشن ۾ 10 سالن جا رڪارڊ ٽوڙي ڇڏيا، هو ڪرپشن ۾ پنهنجي مخالفن کي به پوئتي ڪري ڇڏيو

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) اپوزيشن ليڊر شهباز شريف چيو آهي ته ٽرانسپيرنسي انٽرنيشنل جي رپورٽ ۾ ثابت ٿيو ته عمران خان جي نئين پاڪستان ۾ رڳو ڪرپشن ٿي آهي /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 30

هن کان وڌيڪ ڪرپٽ، بدعنوان، رشوت خور حڪومت ملڪي تاريخ ۾ ناهي ڏٺي: مريم نواز

هن حڪومتي دور ۾ صرف چورين ۽ قرض جي شعبي ۾ ترقي ٿي آهي

عوام جا کيسا خالي ڪندڙ عمران مافيا ديده دليري سان پاڪستان تي هٿ صاف ڪيا

لاهور (م ر) مسلم ليگ (ن) جي نائب صدر مريم نواز ٽرانسپيرنسي انٽرنيشنل جي رپورٽ تي رد عمل ڏيندي چيو آهي ته عمران حڪومت ملڪي تاريخ جي سڀ کان وڌيڪ ڪرپٽ حڪومت آهي /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 31

27 فيبروري تي اسلام آباد ۾ گڏ ٿيڻ وارو ڪچرو صاف ڪنداسين: بلاول ڀٽو زرداري

حڪومت مخالف لانگ مارچ ذريعي موجوده حڪومت جو خاتمو آندو ويندو، مارچ ۾ شريڪ جيالا اسلام آباد پهچي اتان جي حڪومتي گند کي صاف ڪندا

ڪراچي ۾ مرتضيٰ وهاب مختلف ضلعن ۾ ماهرن سان گڏ صفائي جو ڪم سنڌ سالڊ ويسٽ مئنيجمينٽ بورڊ سان گڏجي ڪيو آهي، بورڊ کي صفائي لاءِ آندو آهي

اسان سنڌ حڪومت جا شڪر گذار آهيون جنهن مڪاني نظام سان گڏجي هي سلسلو شروع ڪيو آهي، عملو ماڻهن جي گهرن جي در تي وڃي ڪچرو کڻندو

لاڙڪاڻو (حميد شيخ) پاڪستان پيپلزپارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي ته 27 فيبروري کان شروع ٿيندڙ حڪومت مخالف لانگ مارچ ذريعي موجود حڪومت جو خاتمو آندو ويندو /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 33

اپوزيشن وزيراعظم کان استعيفيٰ جو مطالبو ڪري ڇڏيو، قرارداد پنجاب اسيمبلي ۾ جمع

اسلام آباد (م ر) ٽرانسپيرنسي انٽرنيشنل رپورٽ سامهون اچڻ تي اپوزيشن وزيراعظم عمران خان کان استعيفيٰ جو مطالبو ڪري ڇڏيو آهي. وزيراعظم کان استعيفيٰ جي مطالبي تي قرارداد پنجاب اسيمبلي ۾ جمع ڪرائي وئي /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 37

لاڙڪاڻو: پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري تقريب کي خطاب ڪندي

ناڪام حڪمرانن جي ڪرپشن بي نقاب ٿي چڪي آهي: راشد محمود سومرو

ٽرانسپيرنسي انٽرنيشنل جي تازي رپورٽ سڄي دنيا ۾ پاڪستان جو مذاق اڏائي رهي آهي

وقت اچي ويو آهي ته حڪومت مخالف ۽ سياستدانن خلاف ڪرپشن جي ناٽڪ تي پاڻ ئي گرفتار ٿي ڪري

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) جمعيت علماءِ اسلام سنڌ جي سيڪريٽري جنرل علامه راشد محمود سومرو چيو آهي ته ٽرانسپيرنسي انٽرنيشنل جي تازي رپورٽ سڄي دنيا ۾ پاڪستان جو مذاق اڏائي رهي آهي /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 32

پ پ وارا عوام ۾ وڃايل ساک کي بحال ڪرڻ جي ناڪام ڪوشش ڪري رهيا آهن: راشد محمود سومرو

لانگ مارچ کان پهريان پيپلزپارٽي سنڌ جي عوام کي حق ڏئي، پيپلزپارٽي جو ٽريڪٽر مارچ، هاري مارچ هارين، غريبن، مزدورن ۽ مسڪينن سان ٺٺولي ڪري رهيا آهن

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) جمعيت علماءِ اسلام سنڌ جي جنرل سيڪريٽري مولانا راشد خالد محمود سومرو چيو آهي ته پيپلزپارٽي وارا عوام ۾ پنهنجي وڃايل ساک کي بحال ڪرڻ جي ناڪام /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 34

ميهڙ: جيئي سنڌ قومپرست پارٽي جي مرڪزي اڳواڻ دودوخان ڏيشي ميڊيا سان ڳالهائيندي

ٺل ۾ دڪان ڊاهڻ دوران ڇت ڪري پئي، ايمبولينس جي ڊرائيور سميت 3 ڄڻا زخمي

ٺل (رپورٽر خير محمد ڳولو) ٺل ۾ دڪان ڊاهڻ دوران ڇت ڪري پئي، تعلقه اسپتال ٺل جي ايمبولينس جي ڊرائيور سميت 3 ڄڻا زخمي، اسپتال داخل جن مان هڪ جي نازڪ حالت هئڻ ڪري لاڙڪاڻي منتقل ڪيو ويو /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 35

ٺل: صوبائي صلاحڪار اعجاز حسين جکراڻي جي مان ۾ تقريب

اعجاز خان جکراڻي جي قيادت ۽ پوري ڏوڪڙن ۾ پيپلزپارٽي مضبوط ٿيندي پئي وڃي: عبدالنبي کوسو

مير عبدالنبي خان کوسو سميت سڄي ضلعي جي کوسو برادري اسان جي طاقت آهن: اعجاز حسين جکراڻي

ٺل (رپورٽر خير محمد ڳولو) صوبائي صلاحڪار مير اعجاز حسين جکراڻي چيو آهي ته /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 36

ٺل: صوبائي صلاحڪار اعجاز حسين جکراڻي جي مان ۾ ڪوٺايل تقريب جو ڏيک

ٺل ۾ فوتي عورت جو لاش قبرستان ۾ دفنائڻ تان ڳوٺاڻن روڪي ڇڏيو، احتجاج، روڊ بلاڪ

مسمات افضل خاتون زال غلام فريد لاشاري جو لاش وارثن دفنائڻ لاءِ ٺل جي قديمي ڳوٺ دائي جي قبرستان ۾ دفنائڻ لاءِ ويا ته ڳوٺاڻن پاران لاش دفنائڻ تان روڪي ڇڏيو

ڪلاڪ جي ڇڪتاڻ بعد فوتي عورت جي وارثن لاش کڻي دريا خان جوڪي تي رکي ٺل ڪنڌڪوٽ روڊ بلاڪ ڪري ڳوٺاڻن خلاف نعريبازي ڪئي وئي

ٺل (رپورٽر خير محمد ڳولو) ٺل ۾ فوتي عورت جو لاش قبرستان ۾ دفنائڻ تان ڳوٺاڻن روڪي ڇڏيو، احتجاجي مظاهرو روڊ بلاڪ /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 38

ناٿي جي وفاقي وزيرانڊ ٽن مهينن ۾ مهانگائي نه گهٽجڻ جو اشارو ڏئي ڇڏيو

ڪورونا سبب سڄي دنيا ۾ شين مهانگيون ٿيون، تيل مهانگو ٿيڻ سبب واپاري خسارو وڌيو ۽ افغان بحران جي ڪري رُپئي تي دٻاءُ پيو

ايندڙ ڪجهه ڏينهن ۾ پگهاردار طبقي لاءِ نئون پروگرام شروع ڪريون پيا، سنڌن آمدني وڌائڻ جي ڪوشش ڪنداسين

ٿي سگهي ٿو ته ايندڙ ٽن مهينن تائين اگهه نه گهٽجن، 2 فيبروري تي سينيٽ مان مني بجيٽ پاس ڪرائي ويندا سين

اسلام آباد (م ر) ناٿي جي وفاقي وزير ايندڙ ٽن مهينن ۾ مهانگائي نه گهٽجڻ جو اشارو ڏئي ڇڏيو /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 39

ٺل ۾ يوم حضرت ابوبڪر صديق رضه جي سلسلي ۾ ريلي

ڪارڪنن جي شرڪت يوم حضرت ابوبڪر صديق رضه تي سرڪاري موڪل ڪرڻ جو مطالبو

ابوبڪر صديق رضه جي يوم وفات واري ڏينهن تي سرڪاري سطح تي موڪل ڪئي وڃي: اڳواڻ

ٺل (رپورٽر خير محمد ڳولو) ٺل ۾ سني رابطا ڪائونسل پاران يوم حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعاليٰ جي سلسلي ۾ ريلي /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 40

متياري ۾ ايس ٽي پي پاران اسد جسڪاڻي ۽ ذيشان جسڪاڻي تي ڪيس داخل ٿيڻ خلاف مظاهرو

پوليو خانزادي جي قتل جي ڪوڙي ايف آئي آر داخل ڪرڻ خلاف مرڪزي اڳواڻ جام شوڪت ابڙو، رياض چانڊيو ۽ ٻين احتجاج ڪيو

متحده هميشه اليڪشن ويجهو اچڻ تي پنهنجو ماڻهو ماري ان جو الزام مخالفن تي لڳائي ان تي سياست ڪندي آهي: مظاهرين

زخمي اسد جسڪاڻي تي حملي جو ڪيس داخل ڪيو وڃي گرفتار ڪيل ايس ٽي پي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن کي فوري آزاد ڪيو وڃي

متياري (رپورٽر) سنڌ ترقي پسند پارٽي ضلعي متياري پاران ايس ٽي پي جي اڳواڻن اسد جسڪاڻي ۽ ذيشان جسڪاڻي تي ڪيس داخل ٿيڻ خلاف احتجاج /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 41

نوابشاهه ۾ سيڪريٽري سروسز اينڊ جنرل ايڊمنسٽريشن صدارت هيٺ اجلاس، اڳواڻن جي شرڪت

نواب شاهه (رپورٽ راڄ ڪمار) سيڪريٽري سروسز اينڊ جنرل ايڊمنسٽريشن سنڌ رياض حسين سومرو چيو آهي ته /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 42

نواب شاهه: سيڪريٽري سروسز اينڊ جنرل ايڊمنسٽريشن سنڌ رياض حسين سومرو اجلاس جي صدارت ڪندي

وفاق پاران ٻاهران گهرايل ڪڻڪ جي اڳ ڪرائي وڌي: مڪيش ڪمار چاولا

ڪراچي (رپورٽر) صوبائي وزير مڪيش ڪمار چاولا چيو آهي ته گورنر سنڌ الزام هڻيو آهي ته سنڌ سرڪار فلور ملز کي ڪوٽا کان گهٽ ڪڻڪ ڏني /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 44

نوابشاهه ۾ جي ليجينڊري اداڪار گلاب چانڊيو جي ورسي تقريب

سياسي سماجي علمي ادبي آرٽ جي شعبي سان واڳيل ڪاروباري شخصيتن جي شرڪت

آرٽسٽ قومن جا سونهان هوندا آهن، ليجينڊري اداڪار گلاب چانڊيو امر انسان هو: مقرر

نوابشاهه (رپورٽ راڄ ڪمار) سنڌ ۽ پاڪستان جي ليجينڊري اداڪار گلاب چانڊيو جي ورسي تقريب /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 43

سنڌ ۾ سمورن انڊسٽريل ۽ ڪمرشل ملازمن کي گهٽ ۾ گهٽ اجرت 19 هزار رپيا ڏني وڃي: سپريم ڪورٽ

اسلام آباد (م ر) سپريم ڪورٽ سنڌ ۾ گهٽ ۾ گهٽ اجرت 19 هزار رپيا ڏيڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو آهي /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 46

متياري: ايس ٽي پي طرفان اسد جسڪاڻي ۽ ذيشان جسڪاڻي تي ڪيس داخل ٿيڻ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

گمبٽ جي يوسي علي محمد سروهي جي تنظيم سازي جو عمل مڪمل

ايم پي اي نعيم احمد ڪرل ۽ لياقت علي شاهه جي صلاح سان عهديدارن جي چونڊ ڪئي وئي

صدر محمد لائق گاد، سينيئر نائب صدر اياز سروهي نائب صدر خليل رند نائب صدر منتخب

بهارو ديرو (خالد ڳلال) تعلقه گمبٽ جي يوسي علي محمد سروهي جي تنظيم سازي جو عمل مڪمل /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 45

پ پ جو ٽريڪٽر مارچ ۽ مهانگائي خلاف احتجاج هارين ۽ پورهيتن سان مذاق آهي: دودو ڏيشي

ايم ڪيو ايم جا عهديدار وسيم اختر مهاجر فاروق ستار، خواجه اظهار سميت سڀ سنڌ دشمن ٽولي جا سازشي عناصر آهن

اسد جسڪاڻي مٿان حملو ڪري ڪيس زخمي ڪرڻ ۽ شهرين کي پريشان ڪرڻ ۽ فساد ڪرائڻ جي سازشن جي شروعات آهي

هي دهشتگرد ٽولو اڄ به سنڌ دشمني کان ٽلو مڙي اچ تائين سنڌين جي سنڌ سان وابستا زمرن تي سگهيا آهن: پريس ڪانفرنس

ميهڙ (رپورٽر) جيئي سنڌ قومپرست پارٽي جي مرڪزي اڳواڻ دودوخان ڏيشي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو آهي ته /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 49

پنوعاقل ۾ جميعت علماءِ اسلام جي اڳواڻن جي مان ۾ چانهه پارٽي

اسان جماعت جي ڪارڪنن جي هر خوشي غمي ۾ گڏ هوندا آهيون: مير مبين خان

اسان جماعت جي پاليسي تحت پنوعاقل جي عوام جي خدمت ڪري رهيا آهيون

پنوعاقل (رپورٽ خليل آفتاب ڪوراڻي) جميعت علماءِ اسلام اڳواڻ سيف الله سومرو جي طرفان جماعتي اڳواڻن جي مان ۾ چانهه پارٽي /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 48

ڊپٽي ڪمشنر غضنفر علي قادري جي صدارت هيٺ ڪميٽي گڏجاڻي منعقد

انساني اسمگلنگ ۽ جبري مشقت خلاف عملدرآمد کي يقيني بڻائڻ بابت ڪميٽي جي پهرين گڏجاڻي ڪوٺائي وئي

چائلڊ ليبر، جبري مشقت ۽ مزدورن جي حفاظت ۽ سهولتن بابت ليبر قانون تي عملدرآمد کي يقيني بڻايو وڃي: ڊپٽي ڪمشنر

جبري مشقت خلاف ليبر قانون تي عملدرآمد لاءِ سمورن واسطيدار کاتن کي گڏجي عملي ڪم ڪرڻو پوندو: غضنفر علي قادري

ٺٽو (اسٽاف رپورٽر) ڊپٽي ڪمشنر غضنفر علي قادري سمورن واسطيدار کاتن جي عملدارن کي هدايت ڪئي آهي /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 47

روزاني آس

ايڊيٽر : عاطف صادق

پبلشر افشان عاطف بتول پرنٽنگ پريس ڪوڪر محلا حيدرآباد مان ڇپرائي آفيس نمبر 1 بيسمنيٽ ممتاز هائٽس گاڏي کاتا حيدرآباد مان پڌري ڪئي.

www.dailyaas.com.pk Email-dailyaashyd@gmail.com

ڪراچي آفيس: رابطي لاءِ 10 اي 1-ٽاور فلور، فرسٽ جامي ڪمرشل اسٽريٽ، فيز VII ڊي ايڇ اي، ڪراچي. فون نمبر: 021-35317757

حيدرآباد آفيس: آفيس 1 بيسمينٽ ممتاز هائٽس نيئر حيدر چوڪ گاڏي کاتو حيدرآباد. فون نمبر 022-2781913

dailyaasoffical dailyaasoffical 0322-3921123 0335-7558367

اداريو ۽ راءِ

پ پ جي حڪمراني ۽ هارين جا حق

پيپلز پارٽي وفاقي حڪومت خلاف ماحول کي مچائڻ جي لاءِ جيڪي ڪم ڪري رهي آهي، انهن ۾ ٽريڪٽر ٽرالي مارچ اڄ ڪلهه ميڊيا جي زينت بڻيل آهي. سنڌ مٿان مسلسل تيرهن پيرو حڪومت ڪندڙ ۾ پنهنجي ڪارڪردگيءَ جي حوالي سان سخت تنقيد جي هيٺ رهي آهي. هونءَ به 18هين ترميم کان پوءِ صوبن جي هٿ ۾ گهڻو ڪجهه آهي پر سوال اهو آهي ته ان سلسلي ۾ پيپلز پارٽيءَ ڪيو ڇاهي؟ پيپلز پارٽيءَ سنڌ جي ترقيءَ ۽ خوشحاليءَ جي سلسلي ۾ هن مهل تائين ڪک پڇي بيٺو نه ڪيو آهي. پيپلز پارٽيءَ جي قيادت ۽ وزير جيڪڏهن ڪنهن تڪليف ۾ آهن ته اهي ڪرپشن سبب انهن جي مٿان داخل ٿيل ڪيس آهن. جڏهن ته ان سلسلي ۾ مزي واري ڳالهه اها آهي ته پيپلز پارٽيءَ جي ڪنهن به ليڊر يا وزير کي اهڙي ٿيپ نه ملي آهي، جنهن کي مثالي سزا چئي سگهجي. پيپلز پارٽيءَ جو اڳواڻ خورشيد شاهه هڪ سال کان وڌيڪ وقت ڪمائيءَ کان وڌيڪ اثاثا ناهڻ سبب جيل ۾ رهيو پر هاڻي هو به آزاد آهي. ڪڏهن ڪڏهن پ پ مخالف قانوني ڪن مهٽ ۾ تيزي اچي ويندي آهي پر اها به ڪڏهن ڪڏهن! جڏهن ته هن وقت اهڙي ڪا صورتحال ڪونهي. جنهن جي ڪري پيپلز پارٽي پريشان هجي.

پيپلز پارٽي ڪجهه ڪرڻ چاهي ها ته 14 سال تمام گهڻا هئا. اينري وقت ۾ ته قومن جون تقديرون تبديل ٿي وينديون آهن. پر افسوس جي ڳالهه اها آهي ته عام طور تي مارشل لا کان پوءِ ۽ خاص طور تي بينظير ڀٽو جي شهادت بعد پيپلز پارٽي سياست کي عوامي خدمت جو رستو نه پر مال ناهڻ جو ذريعو ۽ مڪر جي اهڙي اسٽيج سمجهيو آهي، جتي هر ڏينهن نوان ناٽڪ پيش ڪيا وڃن ٿا. پيپلز پارٽيءَ هن مهل جيڪو ناٽڪ اسٽيج ڪري رهي آهي، اهو تمام گهڻو دلخراش ۽ تڪليف ڏيندڙ آهي. سڀني کي معلوم آهي ته پيپلز پارٽيءَ جي سنڌ ۾ طاقت صرف ۽ صرف وڏيرا آهن. انهن وڏيرن سڀ کان اڳ ۾ انهن هارين جو رت پيتو آهي. جيڪي نسل در نسل سنڌي وڏيرن جي هٿان ظلم جي چڪيءَ ۾ پيسبا رهيا آهن. جن سدائين پنهنجي ديس جي ڌرتيءَ کي ڪيڙيو آهي ۽ ان جي خدمت ڪئي آهي پر ان کي موٽ ۾ صرف ۽ صرف مايوسي ۽ محتاجي ملي آهي. سنڌ ۾ هاريءَ جي مظلوميت جي ڪهاڻي پوري سنڌ ادب ۾ ڦهليل آهي. سنڌي هاريءَ جي مظلوميت صرف ادب تائين محدود ناهي پر سنڌ ۾ هارين جي حقن لاءِ جيڪي به تحريڪون هليون آهن. انهن ۾ سنڌي هارين جي لاءِ سچي ۽ مخلص جدوجهد ٿي آهي پر هن وقت تائين سنڌي هاري پنهنجن بنيادي حقن کان محروم آهي.

سنڌ جا هاري هن رياست جي خلاف به ڏاڍهين آهن پر انهن جي مٿان جيڪڏهن ڪوئي بهريون ظلم ڪري ٿو ته اهو مهاجر يا پنجابي ناهي. هن جي مٿان ظلم ڪندڙ اهو سنڌي وڏيرو آهي. جيڪو هميشه سرڪار جي پاسي رهيو آهي ۽ اهو وڏيرو هن وقت مڪمل طور تي پيپلز پارٽيءَ جي سياسي هنج ۾ ويٺل آهي. هن ڪي پتو آهي ته جيترو هن جي مفادن ڪي تحفظ پيپلز پارٽي ڏئي سگهي ٿي، ايترو ٻي ڪا پارٽي نه ٿي ڏئي سگهي. ان ڪري هو پيپلز پارٽيءَ جي سگهي ۾ آهي. پيپلز پارٽي سنڌ جي وڏيري کي مڪمل تحفظ فراهم ڪير آهي. هن مهل سنڌ ۾ هارين جي حقن لاءِ ڪو هلڪو آواز به ناهي ۽ ان جو بنيادي سبب اهو آهي ته پيپلز پارٽيءَ گذريل 14 سالن کان وٺي اقتدار ۾ رهي. سنڌ جي وڏيري کي ايترو ته مضبوط ڪيو آهي جو هن جي آڏو سنڌ جو هاري چپ چوري نه ٿو سگهي. جڏهن ته وقت جي تبديليءَ سان معاملي ۾ هاريءَ جي حوالي سان بهتري اچڻ گهربي هئي پر بهتريءَ جي جاءِ تي جيڪا بدتري آئي آهي، ان جو ڪارڻ اهي وڏيرا آهن. جن جي طاقت جو سبب پيپلز پارٽي آهي. هڪ وقت اهڙو به هو جڏهن پيپلز پارٽي هارين جي لاءِ وڏيرن جي حق ۾ رهي آهي. ان حقيقت کان ڪير ٿو انڪار ڪري سگهي ته سنڌ ۾ جيڪڏهن پيپلز پارٽي چاهي ها ته هارين جي لاءِ گهڻو ڪجهه ڪري سگهي ها. پر هڪ ته پيپلز پارٽيءَ جي ايجنڊا تي ان قسم جي ڪا ڳالهه ڪونهي ۽ ٻيو ته پيپلز پارٽيءَ جو طبقاتي مفاد هن ڪي هارين جي خلاف آڻيندو رهيو آهي. پيپلز پارٽيءَ پنهنجي حڪومتي مدي جي دوران سنڌي هارين جي طبقاتي وجود جي مٿان زخم هنيا آهن. هن وقت سنڌي هاريءَ جو وجود مڪمل طور تي گهايل آهي.

سنڌ جي هاريءَ کي زخمن سان چور ڪري ان جي مرهم پٽي ڪرڻ نه ماڳ رهيو پر هن مهل پيپلز پارٽي جهڙي طرح چوندن کان اڳ ۾ پاڻ کي اليڪشني ميدان ۾ تيار ڪرڻ لاءِ جيڪا سرگرمي ڪري رهي آهي. اها سنڌي

هارين جي حقن لاءِ جيڪڏهن پيپلز پارٽي پنهنجا تاريخي واعدا نه پاڙي. تڏهن به گهٽ ۾ گهٽ هوءَ توري ۾ تورو به انصاف جو مظاهرو ڪري ٿي ته اها تمام بهتر ڳالهه هجي ها پر افسوس ته هن ان سلسلي ۾ ڪجهه به نه ڪيو آهي ۽ جيڪڏهن ڪيو به آهي ته اهو ڪم تمام گهڻو منفي ۽ هارين جي حقن جي مخالف آهي. پيپلز پارٽيءَ جي منشور ۾ پلي سوشلزم جو نقطو شامل هجي پر هوءَ پنهنجي سياسي ڪردار ۾ مڪمل طور تي هارين جي خلاف ۽ وڏيرن جي حق ۾ رهي آهي. ان حقيقت کان ڪير ٿو انڪار ڪري سگهي ته سنڌ ۾ جيڪڏهن پيپلز پارٽي چاهي ها ته هارين جي لاءِ گهڻو ڪجهه ڪري سگهي ها. پر هڪ ته پيپلز پارٽيءَ جي ايجنڊا تي ان قسم جي ڪا ڳالهه ڪونهي ۽ ٻيو ته پيپلز پارٽيءَ جو طبقاتي مفاد هن کي هارين جي خلاف آڻيندو رهيو آهي. پيپلز پارٽيءَ پنهنجي حڪومتي مدي جي دوران سنڌي هارين جي طبقاتي وجود جي مٿان زخم هنيا آهن. هن وقت سنڌي هاريءَ جو وجود مڪمل طور تي گهايل آهي.

تمام گهڻو ڳالهائيندي هئي پر وڏي وقت کان وٺي اهو نالي ماتر حمايت وارو سلسلو به مڪمل طرح سان بند آهي. ان جو ڪارڻ پيپلز پارٽيءَ جي اها لاپرواهي آهي. جنهن جي ڪري هوءَ ڪنهن کي به پنهنجي ڪٽ ۾ نه آڻي. هن سياسي ڪرپشن جو دائرو ايترو ته وڌائي ڇڏيو آهي جو هاڻي هن ڪي پنهنجي لاءِ ڪٿان به ڪنهن به قسم جو خطرو محسوس نه ٿو ٿئي. پيپلز پارٽيءَ جا اهي پرڪار ڏسي هارين وٽ جيڪا ڪنهن دور ۾ پنهنجن حقن جي حوالي سان توري گهڻي اميد هئي. اها به مڪمل طرح سان ختم ٿيل آهي.

هارين جي حقن لاءِ جيڪڏهن پيپلز پارٽي پنهنجا تاريخي واعدا نه پاڙي. تڏهن به گهٽ ۾ گهٽ هوءَ توري ۾ تورو به انصاف جو مظاهرو ڪري ٿي ته اها تمام بهتر ڳالهه هجي ها پر افسوس ته هن ان سلسلي ۾ ڪجهه به نه ڪيو آهي ۽ جيڪڏهن ڪيو به آهي ته اهو ڪم تمام گهڻو منفي ۽ هارين جي حقن جي مخالف آهي. پيپلز پارٽيءَ جي منشور ۾ پلي سوشلزم جو نقطو شامل هجي پر هوءَ پنهنجي سياسي ڪردار ۾ مڪمل طور تي هارين جي خلاف ۽ هاريءَ جي ڦٽن تي مرهم بدران لوڻ ٻرڪڻ برابر آهي. جو ته سنڌي هارين جي حقن لاءِ نڪتل جلوسن ۾ هڪ ته نعرا هارين لاءِ ناهن ۽ هو وڏيرڪي حڪومت جي حمايت ۾ نعري بازي ڪري رهيا آهن ۽ ٻي اهم ڳالهه اها آهي ته انهن جلوسن ۾ هاري آهن ئي ڪو نه!

سنڌ ۾ جيڪڏهن ڪوئي هاري آهي ته انهن وٽ ڏاندن جي جوڙو به هجڻ تمام وڏي ڳالهه آهي. جيتوڻيڪ هن وقت ڏاندن تي پوک جو پورو ڪلچر ئي ختم ٿي ويو آهي پر هاريءَ جي علامت پو به هر ۽ ڏاند جو جوڙو رهيو آهي. هن وقت پوکي مشينن تي ٿئي ٿي ۽ مشينن ۾ ٽريڪٽر جو اهم ڪردار آهي. هاڻي اهو هاري جيڪو اٽي جي لپ لاءِ حيران ۽ پريشان آهي. اهو ٽريڪٽر ۽ اهو به ٽراليءَ وارو ٽريڪٽر ڪٿان آڻيندو؟ هن جي ٽالي ۾ جڏهن وڏيرا ۽ انهن جا وارا ٽريڪٽر ۽ ٽرالين جي معرفت جديد قسم احتجاج ڪن ٿا ته ان وقت حيرت جو ٿيڻ لازمي ٿي پوي ٿو ڇو ته هارين جي حصي ۾ جيڪا انهن جي طبقاتي مظلوميت به هئي ته هاڻي ان تي به وڏيرا شاهي قبضو ڪري رهي آهي. ان جو مطلب هارين کي مڪمل طور تي

عمر قاضي

ديوار سان لڳائڻ ناهي ته ٻيو ڇاهي؟ جڏهن هارين کي ايترو حق به حاصل نه هجي ته هو پنهنجي حقن جي لاءِ ان قوت جي خلاف آواز اٿارين. جيڪا قوت وڏيرا شاهيءَ تي مشتمل آهي ته پوءِ هاريءَ وٽ ڇا رهيو؟ هن وقت سنڌ ۾ هارين جي ٽالي ۾ جيڪو سياسي تماشو ٿي رهيو آهي، اهو انهن آهي ته مزدورن کي انهن جا پورهئي وارا حق ڏيڻ بدران سرمائيدار پنهنجن گماشتن سان گڏجي شهر جي روڊن ۽ رستن جي مٿان احتجاج ڪن ۽ دنيا جي آڏو ڏانهون ڪن ته اسان سان انصاف ڪيو وڃي. مظلوم وٽ ڇا هوندو آهي؟ مظلوم وٽ ٻيو ڪجهه به نه ته گهٽ ۾ گهٽ احتجاج جو حق ته هوندو ئي آهي ۽ جڏهن هن جي ان حق تي به اها قوت قابض ٿي وڃي، جيڪا انهن جي ڦرلٽ ۽ استحصال جي ذميوار آهي ته پوءِ اهڙي قوت کان ڪوئي چڱائيءَ جي اميد ڪيئن ٿو رکي سگهي؟

تاريخ ۾ جڏهن ڪوئي جبر پيدا ٿيو آهي ۽ ان جبر جيڪڏهن پاڻ کي لڪائڻ لاءِ ڪو مڪر جو روپ اختيار ڪيو آهي ته ان کي ظاهر ڪرڻ، ان کي ننگو ۽ نروار ڪرڻ جو فرض سدائين اديبن جي قلمن ادا ڪيو آهي. هن مهل حشر اهو آهي ته پيپلز پارٽي هڪ طرف مظلومن جي ڪردار جي مٿان قبضو ڪري ويٺي آهي پر هن اهڙي ظلم ۽ انياءَ جي خلاف آواز اٿارڻ واري قوت يعني سنڌ جي اديب کي به پنهنجي ڪيسي ۾ وجهي ڇڏيو آهي ۽ هن ڪي به پنهنجو رعايت يافتا بڻائي. سنڌ جي مظلوم عوام کي بنهه لاوارث بڻائڻ ۾ ڪا به ڪسر نه ڇڏي آهي. سنڌ جا مظلوم ماڻهو جيترو پيپلز پارٽيءَ جي هٿان ڦرلٽ جو شڪار ٿيا آهن. ايترو ٻيو ڪنهن حڪومت جي هٿان مشڪل ٿيا هجن. جڏهن ته تاريخي طور تي سنڌ ۾ پيپلز پارٽيءَ کي سچي ۽ پڪي سگهه ڏيڻ واري قوت هاري ئي رهيا آهن. اهي هاري ئي هئا، جن شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جو وڏيرا شاهيءَ جي خلاف ساٿ ڏنو ۽ جن آمريت جي پوري دور ۾ پاڻ مٿان ٿيندڙ جبر ۽ تشدد جي ڪا پرواهه نه ڪئي ۽ پيپلز پارٽيءَ جو جهنڊو هٿن ۾ ڪئي نسل در نسل وفا جو وچن ورجايو ۽ موٽ ۾ پيپلز پارٽيءَ جي موجوده قيادت انهن کي دوکي فريب کان سواءِ ٻيو ڪجهه به نه ٿي ڏئي. اها تمام پريشانيءَ واري صورتحال آهي ۽ ان کي هر طرح سان پڌرو ڪرڻ هر باشعور انسان جو بنيادي فرض آهي. ڇو ته اسان جيڪڏهن هارين جي مظلوميت ختم نه ٿا ڪري سگهون ۽ انهن جا حق بازياب نه ٿا ڪرائي سگهون ته گهٽ ۾ گهٽ انهن جي مظلوميت تي قبضو ڪرڻ نه ڏيون ۽ انهن کي ته بنهه نه ڏيون. جيڪي هارين جي مٿان ظلم ۽ جبر ڪندا رهيا آهن. هارين سان اهو تاريخي دوکو آهي. اها جمهوريت جي ٻاب ۾ تمام وڏي ٺڳي آهي ته جنهن مظلوم جو حق هجي، ان جو حق به نه ڏجي ۽ ان جي بدران ظالم کي مظلوم بڻائي پيش ڪجي.

ٽرانسپيرنسي رپورٽ، حڪومت لاءِ آئينو

پي ٽي آءِ احتساب ۽ ملڪ کي ڪرپشن فري ڪرڻ جو نعرو هڻي اقتدار ۾ آئي هئي پر گذريل ساڍن ٽن سالن کان نه رڳو هاڻوڪي حڪومت جي انتظامڪاري بدترين رهي آهي پر نه ته هو ڪرپشن ختم ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي سگهي آهي ۽ نه ئي احتساب جو عمل پورو ٿي سگهيو آهي. بلڪ هاڻوڪي حڪومت ته ٽيپ قانونن ۾ ترميمون به پنهنجن ماڻهن کي رليف ڏيڻ لاءِ ڪيون آهن ملڪي تاريخ ۾ هن کان وڌيڪ نا اهل حڪومت عوام ڪڏهن ڪونه ڏٺي آهي. جنهن ۾ حڪومت جا وزير مشير پنهنجي نا اهليءَ جو دفاع ڪندي نظر اچن ٿا. هن وقت جڏهن ٽرانسپيرنسي انٽرنيشنل جي ملڪ ۾ ڪرپشن جي حوالي سان رپورٽ آئي آهي ته ان مان ظاهر ٿي ويو آهي ته پي ٽي آءِ جو دور سڀ کان وڌيڪ ڪرپشن وارو دور آهي. ڇاڪاڻ ته ڪرپشن پرسيپشن انڊيڪس ۾ پاڪستان دنيا جي 149هين نمبر تي اچي ويو آهي. هي رپورٽ اهو ظاهر ڪري رهي آهي ته پي ٽي آءِ حڪومت ۾ هر شعبي ۾ ڪرپشن وڌي وئي آهي. ان مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته جيڪي ماضي ۾ حڪومتون هيون. اهي گهٽ ڪرپٽ هيون پر پي ٽي آءِ انهن سڀني کي مات ڏئي وئي آهي.

ٽرانسپيرنسي انٽرنيشنل پنهنجي رپورٽ ۾ دعويٰ ڪئي آهي ته پاڪستان ۾ ڪرپشن ۾ اضافو ٿيو آهي. ٽرانسپيرنسي انٽرنيشنل 180 ملڪن جو ڪرپشن پرسيپشن انڊيڪس جاري ڪري ڇڏيو آهي. جنهن موجب پاڪستان ڪرپشن پرسيپشن انڊيڪس ۾ 16 درجا مٿي چڙهي ويو آهي ۽ ڪرپشن پرسيپشن انڊيڪس ۾ دنيا ۾ 140 هين نمبر تي اچي ويو آهي. ٽرانسپيرنسي انٽرنيشنل جي رپورٽ ۾ چيو ويو آهي ته 2020ع ۾ پاڪستان دنيا ۾ 124هين نمبر تي هو ۽ 2020ع ۾ ڪرپشن پرسيپشن انڊيڪس ۾ پاڪستان جو اسڪور گذريل سال 31 هو جڏهن ته 2021ع ۾ پاڪستان جو ڪرپشن پرسيپشن انڊيڪس اسڪور 28 هو. ڪرپشن پرسيپشن انڊيڪس ۾ پاڪستان جي اسڪور ۾ 3 پوائنٽس ڪمي ٿي آهي. انڊيڪس جو اسڪور گهٽ ٿيڻ ڪرپشن ۾ واڌ جي نشاندهي ڪري ٿو ٻئي طرف پلدات جي سربراهه جو چوڻ آهي ته حڪومت کي جواب ڏيڻو پوندو ته حالتون بهتر ڇو نه ٿيون ٿين. ڪرپشن خلاف پي ٽي آءِ حڪومت بيانيو ڪٿي آئي هئي. رينڪنگ ۽ اسڪور مٿي وڃڻ جو مقصد ڪرپشن ۾ گهٽتائي اچڻ آهي. 2010ع کان 2017ع تائين رينڪنگ ۾ اضافو ٿيو آهي. پيپلز پارٽي ٽرانسپيرنسي انٽرنيشنل جي رپورٽ کي پي ٽي آءِ سرڪار خلاف چارج شيٽ قرار ڏئي ڇڏيو آهي. پ پ سينيٽر شيري رحمان چيو آهي ته ڪرپشن ۾ پاڪستان جو 16 درجا مٿي وڃڻ سان حڪومت جو بيانيو واڪو ٿيو آهي. ڪرپشن جي خاتمي جي دعويدار حڪومت ڪرپشن ۾ 16 ملڪن کان اڳتي نڪري وئي. شهزاد اڪبر جي استعيفيٰ ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته ڪرپشن گهٽجڻ بدران وڌي آهي. عالمي ادارا حڪومت جي ڪرپشن تان پردو کڻن ٿا. هن رپورٽ جي حوالي سان پي ٽي آءِ حڪومت يا ان جا وزير ڪهڙيون به وضاحتون ڏين پر سچ پڌري پٽ پيو آهي. جنهن کي ڪنهن به ريت لڪائي نٿو سگهجي. هاڻ جيڪڏهن پي ٽي آءِ اها دعويٰ ڪري ٿي ته سنڌ حڪومت ۾ چور ڪونه ويٺل آهن ۽ هي صادق ۽ امين ماڻهن جي حڪومت آهي ته اها هڪ ڪوڙي دعويٰ هوندي. جنهن کي هر ماڻهو رد ڪندو رهندو. تنهنڪري عمران خان کي به اهو قبول ڪرڻو پوندو ته هو نه ته ملڪ مان ڪرپشن جو خاتمو ڪري سگهيو آهي ۽ نه ئي احتساب اهڙي ريت ٿي سگهيو آهي. جنهن لاءِ هن عوام سان وعدو ڪيو هو.

اسين سمجهون ٿا ته ٽرانسپيرنسيءَ جي هاڻوڪي پڌري ڪيل رپورٽ عمران حڪومت لاءِ هڪ آرسي آهي. جنهن ۾ حڪومت پنهنجو چهرو ڏسي سگهي ٿي. تنهنڪري حڪومت هاڻ اهڙيون ڪي به دعوائون نه ڪري جن کي پورو ڪرڻ سندس وس ۾ نه هجي. نوي ڏينهن ۾ ڪرپشن ختم ڪرڻ جي دعويٰ ڪندڙ عمران خان لاءِ نوي سالن ۾ به ڪرپشن ختم ڪرڻ ممڪن ڪونهي.

هاري مارچ ۽ هارين جي زندگيءَ جو احوال

راشد لغاري

هن وقت پاڪستان پيپلز پارٽي پوريا پاڻ کي بهانو بڻائي هاري مارچ جي شروعات ڪئي آهي جنهن ۾ پ پ جا اڳواڻ زميندار پنهنجن هارين. ڪارڪنن سميت هزارين جي انگ ۾ هاري مارچ ۾ شامل ٿي رهيا آهن جيتوڻيڪ حيدرآباد ۾ اهو مارچ 24 جنوريءَ تي ٿي گذريو آهي. جنهن ۾ پ پ ڪنهن حد تائين انڊيا اندر هارين جي تحريڪ مان سکندي ٽريڪٽر ٽراليءَ کي خوب استعمال ڪيو آهي. ماضي ۾ ڪئي شهيد ذوالفقار علي ڀٽو طرفان پ پ جو منشور لکڻ وقت هارين کي زمين ۽ حق ڏيڻ جو پروگرام ڏنو هو پر هن وقت هارين جي زندگي ۽ پ پ جي سموري دور حڪومت ۾ تضاد رهيو آهي. هن ملڪ ۾ هارين جي جدوجهد جي شاندار تاريخ رهي آهي. جنهن تي گهڻو ڪجهه لکيو ويو آهي.

حيدرآباد ۾ جنهن فتح چوڪ تي وڏو هاري مارچ ڪيو ويو آهي. ان علائقي ۾ ئي ماضي جو هاري تحريڪ جو سرگرم اڳواڻ محمد رمضان خاصخيلي تازو ئي وڇڙي ويو آهي اهو هاري اڳواڻ حيات هجي ها ته پ پ جي هارين واري مارچ تي ضرور خار کائي ها. جنهن پنهنجي سڄي ڄمار هاري تحريڪ کي ارپي اصولن تي زندگي گذاري. مرحوم هاري اڳواڻ محمد رمضان جو تڏو به فتح چوڪ پرسان سندس رهائشگاهه تي وڇايو ويو آهي. جتي سندس پٽن ۽ اسان جي صحافي دوست پاڻرن غلام حسين خاصخيلي ۽ جاني خاصخيلي سان تعزيت جو سلسلو هلندڙ آهي. هاري مارچ واري سنڌ پنڌ تان مرحوم هاري جي رهائش باوجود پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ ٻيا اڳواڻ مرحوم کي پيشا پيش ڪرڻ لا پوزيشين وٽ لڙي ته

پڄائيءَ تي پهچايو.

جيتوڻيڪ پاڪستان پيپلز پارٽي هارين جي حقن واري ٽيننسي ايڪٽ 1950ع اڳيان رڪاوٽ بڻيل آهي. جنهن ٽيننسي ايڪٽ تي ها ڪورٽ حيدرآباد ۾ جسٽس صلاح الدين پنهور ۽ جسٽس عدنان اقبال چودري 2019ع ۾ تاريخي فيصلو جاري ڪيو هو ٽيننسي ايڪٽ بابت ڏنل فيصلو 65 صفحن تي ٻڌل آهي. جنهن ۾ هارين جي حقن. سندن معاشي زندگي. هارين جي حقن تي قومن جي مختلف شقن. پاڪستان جي آئين. محمد علي جناح جي خطبن، علامه اقبال جي شعرن، حيدر بخش جتوئي جي جدوجهد. ماڻي جندو ڪيس جو فيصلو شامل آهي فيصلي ۾ لکيل آهي ته ٽيننسي ايڪٽ آرٽيڪل 175 تحت شق نمبر 27، 29 ۽ 30 مطابق هارين جا ٽريبونل زميندارن کي سزا ڏيڻ جو اختيار اسسٽنٽ ڪمشنر ۽ مختيارڪار وٽ آهي. ان ڪري اهي ٽريبونل نٿا هلائي سگهن اڳ ۾ ٽيننسي ٽريبونل هلائڻ لا مڪينزم ٺهيل هو. آفيسر شاهيءَ کان جوڊيشل ڪانپو اسسٽنٽ ڪمشنر ۽ مختيارڪار ڪٿين ٽريبونل هلائي سگهن ۽ اهو به لکيل آهي ته ملڪ ۾ 60 سيڪڙو آبادي هارين تي ٻڌل آهي. ڪوبه نمائندو اسيمبليءَ ۾ موجود ناهي. ڀهراڙين ۾ هارين جي حق جي چڪي آهي. ڪين علاج ۽ صحت جي سهولت به ناهي ملي. آفيسر شاهي ۽ مئجسٽريٽ جا اختيار نه هجڻ سبب هارين لا ناهيل ٽريبونل ڪين تحفظ ...

ٿا ڪن. زميندارن جي مرضي آهي ته جنهن وقت چاهين هارين کي بيدخل ڪري ڇڏين. اڄڪلهه مختيارڪار 6 هين فارم تي هارين جو رڪارڊ نٿا رکن. فيصلي ۾ اهو به چيو ويو آهي ته مهذب سماج ۾ جاگيرداريءَ کي بهتر نٿو سمجهيو وڃي. ملڪ ۾ آزاديءَ کان اڳ هارين جي خراب حالتن تي جدوجهد ڪئي وئي هئي. غير انساني حالتون ڏسي هاري اڳواڻ حيدر بخش جتوئي عهدي تان استعيفيٰ ڏئي هارين کي طاقت بخشي. هڪ گنڀير صورتحال ۾ هارين جي اڳواڻي ڪئي. جڏهن

ڪيئن ڏئي سگهي ٿو ججمينٽ ۾ سنڌ حڪومت کي حڪم ڏنو ويو ته هڪ مهيني جي اندر سنڌ اسيمبليءَ ۾ ٽيننسي ايڪٽ جي آرٽيڪل 175 مطابق 27 سيڪشن ۾ ترميم ڪئي وڃي هن سيڪشن مطابق آفيسر شاهي وٽ هاڻ مئجسٽريٽ وارا اختيار نه رهيا آهن. جيڪي ٽريبونل هلائي آئين جي آرٽيڪل 175 جي ڀڃڪڙي ڪري رهيا آهن چيف سيڪريٽري ۽ سيڪريٽري قانون کي حڪم ڏنو ته اهي سورن ضلعن جي ڪمشنر کي هدايت ڪن ته ڇهن مهينن اندر

بقايا ⊕/آس/⊕ 01

ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو آهي جڏهن ته سنڌس جاءِ تي ڊاڪٽر سمير نورچنا کي ايس ايس پي جيڪب آباد مقرر ڪري ڇڏيو جنهن جو نوٽيفڪيشن پڻ جاري ڪيو ويو آهي.

بقايا ⊕/آس/⊕ 02

اينڊ ايمپليمينٽيشن) ڪاميٽي جو اجلاس سنڌس آفيس ۾ منعقد ڪيو ويو ڪاميٽي جو چيئرمين ڊپٽي ڪمشنر جڏهن ته ايس ايس پي ليبر کاتي، سماجي ڀلائي واري کاتي، عورتن جي ترقي واري کاتي جا سربراهه، چائلڊ پروٽيڪشن يونٽ جو انچارج سول سوسائٽي جو نمائندو ۽ 2 ضلعي ۾ ڪم ڪندڙ سماجي تنظيمن جا نمائندا ميمبر مقرر ڪيا ويا آهن. انهي موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر چيو ته مقرر قانون تي هر صورت عمل ڪرايو ويندو جيئري پورهيو جو ڪنهن به مهذب سماج ۾ تصور هي ڪونهي. ڊپٽي ڪمشنر وڌيڪ چيو ته ايگريڪلچر، سرن جي بلن ۽ ڪاٽن فيڪٽرين ۾ جانچ ڪبي اگر ڪو قانون جي ڀڃڪڙي ڪندو ته انهيءَ خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي، سڀ کان پهرين ليبر کاتي، سماجي تنظيمن سان گڏ جي ٻانڊوءِ ليبر، ايگريڪلچر ۽ فيڪٽرين ۾ ان قانون متعلق آگاهي فراهم ڪري ان بعد اگر ڪو قانون جي ڀڃڪڙي ڪري ته ان جي نشاندهي ڪئي وڃي ۽ فوري حد جي پوليس کي اطلاع ڪيو وڃي ته جيئن انهن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي. انهيءَ موقعي تي ڪاميٽي ميمبر ۽ ڊپٽي ڊائريڪٽر سوشل ويلفيئر واجد علي ميمڻ ڊپٽي ڊائريڪٽر ليبر نور محمد لاڪو، وومن ڊولپمينٽ ڊپٽي ڊائريڪٽر مس حنا خان، چائلڊ پروٽيڪشن يونٽ جي خالد نظاماڻي، رجيش ڪمار هرساڻي سماجي تنظيمن ۾ هينڊز جي ايگزيڪيوٽو منيجر منصور جمار ميمڻ ۽ عبدالمجيد منگريو شرڪت ڪئي.

بقايا ⊕/آس/⊕ 03

لفظن ۾ مذمت ڪجي ٿي حڪومت صحافين کي تحفظ ڏيڻ ۾ ناڪام رهي وفاقي حڪومت فوري نوٽيس وٺي صحافين جي تحفظ کي يقيني بڻائي اسان هميشا صحافين جي بنيادي حقن سميت تحفظ جي ڳالهه ڪئي آهي اهڙن خيالن جو اظهار پاڪستان جرنلسٽ ايسو سيئيشن جي اعزازي صدر الطاف حسين چيو ته صحافت ڪاروبار نه اسان جو جنون آهي بيباڪ آزاد صحافت تي يقين رکندڙ آهيان سچ لکڻ ڏوهه بڻجي ويو آهي سچ لکڻ وارن کي شهادتون قيد رکڻ عام ڳالهه آهي جنهن جو تازو مثال لاهور پريس ڪلب جي سامهون صحافي حسنين شاهه جو قتل پرويزجت جو ڪيس آزاد صحافت تي حملو سمجهون ٿا وفاقي حڪومت مداخلت ڪري صحافين جي تحفظ کي يقيني بڻائي هن حقيقي نتو آفيس ۾ ڪارجاتي طلب ڪري اهم فيصلا ڪيا ويندا

بقايا ⊕/آس/⊕ 04

برفت برادري، ديوان برادري سميت ٻين مختلف برادرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي وڏيري روشن علي برفت کي پڳ جو ور ڏيڻ ڪان پوءِ برادرين کي خطاب ڪندي چيف سردار ملڪ اسد سڪندر خان چيو ته ڪوهستان امن جي ڌرتي آهي اسين سڀ قومون پاڻ ۾ ڀائر بڻجي رهون ٿا ڪوهستان جهيڙو امن پائيجاري تو هان کي ڪنهن به نه ملندي مرحوم وڏيرو پيارو خان شودو منهنجو ويجهو ساٿي هو اصولن تي مضبوط رهڻ وارو شخص هو ڪڏهن به هن اصولن جي سوداي بازي نه ڪئي سنڌس فرزند روشن علي برفت کي به پنهنجي والد مرحوم ۽ ڪوهستان جي ريتن رسمن مطابق هلڻ گهرجي هاڻ سنڌس مٿان قوم جي وڏي ذميواري آهي اميد ٿو ڪيان ته روشن برفت غريب عوام جي خدمت ڪندو پنهنجي پيءُ جي نقش قدم تي هلي حق سچ اصول تي هلندو سياست کان هٽي ڪري پير اڳهاڙن مسڪين غريب بي پهچ عوام خدمت ڪري دعائون ڪٽيندو سردار ملڪ اسد سڪندر وڌيڪ چيو ته ڪوهستان جي عوام سان سياست کان هٽي ڪري دل جا رشتا آهن ڪوهستان ۾ صدين کان ڀائچاري پيار محبت وارو هلي پيو اهو ماحول خراب ڪرڻ جي ڪنهن کي به اجازت نه ڏينداسين غريب عوام جي ننگن ڏنگن جو محافظ آهيان ڪين ڪڏهن به اڪيلو نه ڇڏينداس هميشه اصولن جي سياست ڪئي آهي اصولن تي ئي زندگي گذاري مرُس ٿي جيئنداسين مرُس ٿي مرنداسين مخالفن کي امن ڀائيچاري وارو ماحول خراب ڪرڻ جي اجازت نه ڏينداسين غريب بي پهچ مسڪين عوام لاءِ ملڪ اسد سڪندر جو رت به حاضر آهي سڀئي برادريون قابل احترام آهن ڪين ڪڏهن به اڪيلو نه ڇڏيو وڏيري روشن علي برفت جي پڳ جي رسم ۾ ملڪ سڪندر خان جونيئر ملڪ احمد خان ملڪ شير دل خان ملڪ مجاهد ملڪ ذاهد وڏيرو قادر برفت الهڏنو خاصخيلي مزمل امير بخش زمان خان حملاڻي ملڪ محب علي خان شهبيگ حملاڻي حاجي صوبو خان حملاڻي حسن برفت ظفر برفت سميت ٻين معززين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

بقايا ⊕/آس/⊕ 05

۾ منهنجي نوجوان پٽ علي اڪبر ابڙو کي گسٽ تعلقي جي ڳوٺ ٽوپا جي رهواسي جوابدارن عبدالرزاق موجاڻي الهه ڏنو موجاڻي ۽ ٻين سڳاوتي معاملي تان گهران سڏ ڪري دعوت جي بهاني وٺي وڃي بيدردي سان قتل ڪرڻ بعد سنڌس لاش ٻنيءَ ۾ اڇلائي ڇڏيو هيو جنهن واقعي جو ڪيس باقرائي ٿاڻي تي داخل هجڻ باوجود هن وقت تائين پوليس جوابدارن کي گرفتار نه ڪري سگهي آهي جڏهن ته مان گذريل 15 سالن کان وٺي پٽ جي خون سان انصاف لاءِ احتجاج ڪرڻ سان گڏ مختلف ادارن ۾ درخواستون پڻ ڏنيون آهن جنهن تي منهنجي سڄي عمر جي جمع پونجي خرچ ٿي چڪي آهي پر افسوس جو ڪٿان به انصاف نه ملي سگهيو آهي، جوابدار هن وقت به آزاد گهمي رهيا آهن جيڪي قتل ڪيس تان هٽ ڪڍڻ لاءِ مسلسل ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن. هن وس وارين اعليٰ اختيارين کي اپيل ڪئي ته معاملي جو نوٽيس پٽ جي قتل ڪيس ۾ ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪري سنڌس خون سان انصاف ڪيو وڃي.

بقايا ⊕/آس/⊕ 06

جنوري ٽنڊوباگو پوليس تلهار جي حد ۾ ڪارروائي ڪري مقصود تالپر کي گهر ڪري ڇڏيو هو جنهن جو لاش 24 جنوري ڪالاڻو پرسان ٽيل موري وٽان هٿ آيو ڪانپوءِ وارث ۽ مقامي ماڻهو ٽنڊوباگو پوليس خلاف سراپا احتجاج ٿي ويا هئا جڏهن ته گذريل ڏينهن کان مقصود تالپر جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ وارثن ۽ مقامي ماڻهن پاران احتجاجي ڪيمپ قائم ڪئي وئي آهي ڪيمپ ۾ ويٺل مير عمران تالپر، حسن جت، خميسو جت، عمران جت، علي بي جت، دلبر سنڌي، شهريار جت، احمد جت ۽ ٻين صحافين کي ٻڌايو ته 24 جنوري رات جو مقصود تالپر جي قتل واقعي جي تلهار ٿاڻي ۾ ايف آءِ آر درج ٿيڻ جي باوجود قاتل ايجان تائين گرفتار نه ٿي سگهيا آهن ڏٺو ڪناه مقصود تالپر کي بي رحم ٽنڊوباگو پوليس ماري جيئنل واهه ۾ اڇلائي ڇڏيو هو جنهن جا قاتل اڄ به آزاد گهمي رهيا آهن جيستائين مقصود جا قاتل گرفتار نٿا ڪيا وڃن تيستائين احتجاجي ڪيمپ قائم رکي ويندي هوڏانهن سياسي سماجي ۽ سياڻن ڊاڪٽر محمد آصف ميمڻ، زاهد علي خواجه، نظير احمد دلواڻي، مير عبدالقيوم تالپر، عوامي پريس ڪلب تلهار جي صدر عاجز انور لاشاري وارثن سان تعزيت ڪري گهري ڏک جو اظهار پڻ ڪيو آهي

بقايا ⊕/آس/⊕ 07

عنه اسلام جي اها عظيم هستي آهن جنهن سڀ کان وڌيڪ قرب محبوب خدا صلي الله عليه وسلم ۾ وقت گذاريو ۽ خليفه اول اسلام لاءِ تن، من ۽ ڌن جو بيمثال قربانيون ڏيئي هر محاذ تي اسلام جو دفاع ڪيو. خليفه اول حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه اها واحد اسلامي عظيم شخصيت آهن جيڪي پاڻ، سنڌن جو والد، پٽ ۽ پوٽا صحابي رسولﷺ جي عظيم مرتبي تي فائز ٿيا ۽ عظيم الشان اعزاز ماڻيو. ٻئي طرف جمعيت علماءِ پاڪستان پاران جامع مسجد محبان حبيب ۽ مدرسه غوثيه مخدوميه رفيقه گلشن مصطفيٰ ڪالوني ۾ "صديق اڪبر ڪانفرنس" ٿي گذري، جنهن ۾ سنڌ جي ٽاليواري بزرگ هستي حضرت پيرمٺا رحمت الله جي گادي نشين پير عبدالغفار جان نقشبندي خصوصي خطاب ڪندي چيو ته صحابي رسول جو عظيم درجو انهن خوش نصيب شخصيتن کي مليو جيڪي قرب خدا وليءَ سان محبوب خدا صلي الله عليه وسلم جي ربجهڙائپ ذريعي الله ڪريم جي انعامات جا حقدار بڻيا، سچي دنيا جا غوث، قطب، ابدال وڏي ۾ وڏيون مبارڪ هستيون صحابي رسول جي عظيم ۽ شاندار مرتبي تي نٿا پهچي سگهن هوڏانهن خليفه اول حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه جي زندگيءَ تي مختلف ديني مذهبي جماعتن پڻ روشني وڌي.

بقايا ⊕/آس/⊕ 08

ادبي ميلو هلندڙ ڪتابي ميلي جو افتتاح سنڌ سگهڙ ڪانفرنس سگهڙن واهه واهه ڪرائي ڇڏي خبر موجب سنڌ جي انقلابي مزاحمتي عوامي مهان ڪوي عبدالڪريم گداڻي کي ڀيٽا پيش ڪرڻ لاءِ ڪالهه ٻئين ڏينهن به جشن گداڻي ادبي ميلو جاري رهيو سنڌي ادبي سنگت ٽل شاخ پاران منعقد پنج روزا ادبي ميلي جي سلسلي ۾ ميونسپل ڪاميٽي ٽل جي اڱرتي گداڻي جي گيتن جي گونجار ۾ وڏو ادبي ميڙو متل رهيو جنهن ۾ سوين شهرين وڏي جوش خروش سان شرڪت ڪئي جشن گداڻي جي پهرين ويهڪ ۾ گداڻي ڪتابي ميلي جي رنگارنگ شروعات سان ميلي کي چار چنڊ لڳي ويا جنهن جو افتتاح اسسٽنٽ ڪمشنر ٽل عبدالخالق ٻنگوار ٽاليواري دانشور ۽ اديب فهيم نوناري، تعليمي ماهر استاد عزيز احمد انصاري، ها، اسڪول ٽل جي پرنسپال سيد مظهر علي شاهه، گداڻي ميلا ڪاميٽي جي چيئرمين اصغر سجاڳ، سنڌي ادبي سنگت جي ضلع رابطا سيڪريٽري نفيس سومرو، ٽل شاخ جي سيڪريٽري حاڪم ڪنڌهر پريس ڪلب ٽل جي صدر مجيد نوناري، اديبن ۽ صحافين اي ڪي آزاد مغل، گلزار گل، فياض فراق ڏاهو، عرض ٻنگلاڻي، ثمالو نوناري، عرفان ڪريم مغل، نياز لاشاري ۽ ٻين ربن ڪاٽي شاندار ڪتابي ميلي جو افتتاح ڪيو ڪتابي ميلي ۾ ٽاليوارن اشاعتي ادارن سنڌيڪا اڪيڊمي، روشني پبليڪيشن، ڪاڇو پبليڪيشن ما، پبليڪشن، مارئيگ بوڪ ورلڊ، سوجهرو پبليڪيشن، سنڌي ادبي بورڊ، ثقافت کاتو، مهراڻ اڪيڊمي ۽ ٻين اشاعتي ادارن جا تاريخ، تحقيق، شاعري، مذهب، سياست، آڪاٽي سميت نثر ۽ نظم جا دلچسپ ڪتاب رکيا ويا آهن ڪتابي ميلي ۾ رات دير تائين علم ۽ ادب جي شوقين شهرين جا ميڙا متل رهيا، ڪتابي ميلو چار ڏينهن جاري رهندو ڪتابي ميلي تي اپل ٽل جي نوجوان اڪبر ڪنراڻي، سرمد سرڪي، شنڪر لعل ۽ ٻين پنهنجا ويچار ونڊيندي ٻڌايو ته جس هجي سنڌي ادبي سنگت ٽل شاخ وارن کي جن هر سال جيان هن سال به جشن گداڻي جي سلسلي ۾ ڪتابي ميلي جو انعقاد ڪرايو اڄ جي نوجوانن کي ڪتابن سان چاهه رکڻ گهرجي، ڪتاب پڙهڻ گهرجن هتي چيو ته موجوده دور ۾ سنڌي ڪتاب وڏي تعداد ۾ ڇپجي ٿي رهيا آهن جنهن ڪري نوجوانن کي تاريخ، سياست، مذهب، تحقيق ۽ شاعري جي حوالي سان سنڌي ڪتابن ڏانهن رجوع ڪرڻ گهرجي ڪتابي ميلي ۾ رعايتي ڪتاب ڏنا وڃن ٿا.

بقايا ⊕/آس/⊕ 09

احمد فاروقي، حافظ عمران، مولانا عبدالوهاب لاشاري، يعقوب قريشي جي اڳواڻي ۾ ٽنڊومحمدخان ريلوي اسٽيشن خان پريس ڪلب تائين شاندار ريلي ڪڍي وئي ريلي ۾ خصوصي خطاب ٿلي واري عالم دين علامه عبدالله سنڌي، مولانا احمد قريشي ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته 22 جمادي الثاني خليفه بلافصل حضرت ابوبڪر صديق رضه جي وفات جو ڏينهن آهي اهو صديق اڪبر جنهن سڄي زندگي حضور اڪرم ﷺ سان گڏ گذاري هر موڙ تي حضور اڪرم ﷺ سان پنهنجي وفاداري نڀائي حضرت ابوبڪر صديق رضه سڀني کان پهرين اسلام قبول ڪيو، دين توحيد خاطر پنهنجي جاني ۽ مالي قربانيون ڏنيون ۽ حضور اڪرم ﷺ جو ساٿ ڏنائون ۽ حضور اڪرم ﷺ سان گڏ آرامي آهن هن مطالبو ڪيو ته 22 جمادي الثاني تي سرڪاري موڪل ڪئي وڃي ۽ سرڪاري طور ڏينهن ملهايو وڃي جلوس ۾ علماءِ اڪرام، مدرسي جي شاگردن ۽ معززين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي.

بقايا ⊕/آس/⊕ 10

ڪاڏين قريبي سيوهڻ اسپتال آندو ويو سيوهڻ پوليس حادثي جو ڪيس داخل ڪري ورتو خبر موجب سيوهڻ پرسان انڊس هاءِ وي تي ڳوٺ آراضي وٽ ميهڙ کان حيدرآباد ويندڙ تيز رفتار مسافر وين ٽائر برسٽ ٿيڻ سبب ڪلٽي ٿي پئي جنهن ۾ لڏي تي هڪ معصوم ٻارڙي فوت جڏهن ته معصوم ٻارڙن عورتن سميت 18 کان وڌيڪ ماڻهون سخت زخمي ٿي پيا آهن زخمين ۽ فوتين جا لاش اسپتال جي ايمبولنس موٽروي پوليس سميت مختلف گاڏين ذريعي سيد عبدالله شاهه ميڊيڪل انسٽيٽيوٽ پهچايو ويو اسپتال هنگامي صورت ايمرجنسي ۾ سمورن ڊاڪٽرن کي گهرائي زخمين کي فوري طبي امداد فراهم ڪئي وئي فوتين جي سڃاڻپ 50 ساله دادو واسي پيرسن محمد عيسي سولنگي ۽ 4 ساله معصوم ٻارڙي جي صدف ڌي ذڪا الله سولنگي سيتا واسي طور ٿي جڏهن ته زخمين ۾ ذڪا الله سولنگي سنڌس گهر واري عقيلا سولنگي سيتا واسي نماز ڪوسو سنڌس گهر واري صائمه ڪوسو سنڌس 4 ساله معصوم نياڻي علي احمد لند دادو واسي مسمات افروز مسمات نسيم مسمات ڪومل سوني مسمات ماروي ۽ ٻيا پڻ شامل آهن ڊاڪٽرن 2 معصوم ٻارڙن، 2 عورتن هڪ مرد سميت 5 ماڻهن جي حالت گنڀير ڄاڻائي جڏهن ته سيتا واسي ذڪا الله سولنگي کي انتهائي گنڀير حالت ۾ حيدرآباد منتقل ڪيو ويو آهي حادثي جو شڪار مسافر وين صبح جو سيتا جي ڪچي واري ڳوٺ اڪهاماڻي مان حيدرآباد لاءِ نڪتي ته ڳوٺ آراضي وٽ حادثو پيش آيو ٻئي طرف سيوهڻ پوليس حادثي جو ڪيس داخل ڪري ورتو

بقايا ⊕/آس/⊕ 11

داتهون انصاف جي گهر خبر موجب جيڪب آباد ٽل تعلقي جي ڳوٺ ڊين ڳڙهه قاسم خان ڪوسو جي رهواسي عبدالله پٽ عزيزالله جت پنهنجي معصوم ٻچڙن سان گڏجي احتجاج ڪندي صحافين اڳيان داتهيندي چيو آهي ته 2 سال اڳ آئون زرعي ترقياتي بينڪ مان لون ورتي لاءِ پنهنجي 14 جريب زرعي زمين جا ڪاغذ گروي رکيا بينڪ عملدارن لون جي مد ۾ مون کي 6 لک 90 هزار روپيا لون ڏيڻ جو آسرو ڏئي مون کي صرف هڪ لک روپيا ڏئي روانو ڪري ڇڏيو ۽ بعد ۾ جڏهن آئون بقايا رقم وٺڻ لاءِ ويس ته هو مون کي سڪا دلاسا ڏيندا رهيا. هن چيو ته بينڪ عملدارن ڪاغذن اندر 6 لک 90 هزار روپيا لکيا آهن پر مون کي صرف هڪ لک روپيا ڏنا آهن هن وڌيڪ چيو ته هاڻي مون کي زرعي زمين جا ڪاغذ به واپس نٿا ڏنا وڃن جيڪا سراسر ناانصافي آهي. هن چيو ته روزي روٽي جو ذريعو صرف زمين ئي ڪرو آهي جنهن تي مون سان فراڊ ڪيو ويو آهي احتجاج ڪندڙ گوٺائي اعليٰ اختيارين سميت زرعي بينڪ جي اعليٰ عملدارن کي اپيل ڪندي چيو آهي ته مون بيوس تي رحم ڪندي زرعي زمين جا ڪاغذ واپس ڪرايا وڃن.

بقايا ⊕/آس/⊕ 12

داخل ڪيو ويو آهي. جنهن ۾ اهلڪار شبير منگواڻو مسمات نورپاڻو منگواڻو، گل حسن ۽ غلام علي منگواڻو کي نامزد ڪيو ويو آهي.

آس ڇاپي رهيو آهي

اي اي عباسي

متحده جي تعصب پرست زبان ڪروڙين سنڌي قوم جي دل آزاريءِ سان گڏ لساني فساد جي سازش

آهي. سنڌي ۽ اردو ڳالهائيندڙ ٻارن ۽ گهر جي ڀاتين ڀائرن وانگر زندگي گذاري رهيا آهن. شهيد محترمه بشير خان قريشي پنهنجي ڳالهه وڏي ڏاهپ سان ڪئي آهي. جنهن ۾ هن بدذوق مادر وطن سنڌ جي ڪروڙين... هيو ته "اردو ڳالهائيندڙ سنڌ جا مستقل باشندا آهن"...

وزارتن سان نوازيو ويو ته اهڙن ماڻهن جا فيصلا بلڪل ملڪ ۽ عوام جي بهتري بجاءِ تباهيءَ سان ڀرپور هوندا...

متحده جي 34 سالا لاڳاپيل اقتداري سياست ۾ ڪو بهتر عوامي خدمت وارو نمايان ڪم ڪيو نه ويو جيڪو ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ ڳالهائيندڙن لاءِ باعث توقير... عزت مان مرتبي ۽ فائدي مند هجي. هن ڪراچي کي سونهن سمجهي ٻنهي هٿن سان لٽيو ۽ ٻيو... جا ميئر ٿيا. جن ۾ فاروق ستار، وسيم اختر ۽ مصطفيٰ ڪمال ميئرشپ تي رهندي ڪراچي جي ڳوٺن، سنڌي آبادين وارن علائقن ۾ ڪنهن به بنيادي ضروريات زندگيءَ جون سهولتون مهيا ڪيون. انهن سنڌين تعصب، لسانيت، سنڌ دشمني سان ڀرپور سياست ڪري پنهنجي دڪانداري هلائي آهي. انهن جي سياست سواءِ زهريلي ڏنگ بجاءِ ڪجهه به ناهي رهي. انهن جي دهشت ۽ وحشت جي خوف سبب ڪراچي جو ڪروڙ عوام هميشه يرغمال رهيو...

تاريخي ڳوٺ مياداد چنجڻي

ڳوٺ ۾ 50 سيڪڙو پڪيون جايون 50 سيڪڙو ڪچيون جايون آهن ڳوٺ جي 50 سيڪڙو گهرن ۾ پڪا آهن 50 سيڪڙو گهرن ۾ واش روم ۽ باٿ روم آهن

صالح شريف

وڻ جي پوڄا

ڪاميابي ملندي اگر حشر ٿيندو... نيت عمل جو نيت ڀلي هوندي ليندي

...شرمنده ٿي واپس گهر هوندي ته هر ڪم ۾ نيت خراب هوندي ته اهڙو جيڪو ماڻهو جو ٿيو روح ليندي آهي جڏهن ته الله جي رضامندي حاصل

خالد

مير محمد معصوم شاهه بکري رحه

مير معصوم شاهه بکري جا وڏا اصل ترمذ جا رهاڪو هئا، جتان لڏي اچي قندار جي قريب هڪ ڳوٺ "اشڪليجه" ۾ اچي رهيا جيڪو قندار جي اولهه ۾ ڏهن ڪوهن تي آهي. ڳوٺ اشڪليجه ۾ مير صفائي جو پڙ ڏاڏو اچي رهيو هو جتي مشهور اولياءِ سيد حسين بن زنجيرپا بن رضا جي درگاهه جو متولي هو. تقريبن 927هه مطابق 1021ع ڌاري سلطان محمود خان جي خاص دعوت تي بکر ۾ آيو.

شاعري ۽ تصنيفون:

مير معصوم شاهه بکري پنهنجي دور جو وڏو اديب ۽ محقق هو ۽ پان وڏو هڪ شاعر به هو سندس تخلص "نامي" هو سندس تصنيفون هيٺ ڏجن ٿيون.

(1) تاريخ معصومي (2) طبقات اڪبري (3) مفردات معصومي (4) ديوان نامي (5) مخزن الاسرار (6) مثنوي معدن الافڪار هي سڀ ڪتاب آهن.

آثار قديم: مير معصوم شاهه بکري سکر ۾...

وفات: مير معصوم شاهه بکري 6 ذوالحج 1014هه مطابق 4 اپريل 1606ع جمعي جي ڏينهن وفات ڪري ويو...



وتايو فقير ٻون عالمين

گهوڙو چور ڪٽي ويا، سنج ڪير ڪٽي؟

هڪڙا ٻه ماڻهو وتايي وٽ آيا، هڪڙي چيو درويش، اج تووٽ هڪ نياءُ ڪٽي آيو آهيان. اسان جو نبيرو ڪر.

وتايي چيو ته بيان ڪر. هن چيو ته هي ٻيو ماڻهو جيڪو مون سان گڏ آهي، سو منهنجو نوڪر آهي. مسافري دوران تڪتا هئاسين. هتان ڪان ڪوهه ٻن پنڌ تي گهوڙو ٽڪجي پيو ۽ اڳتي نه ٿي وڌيو. نوڪر کي چيم ته گهوڙو ٻڌهين تڪو پيري، سنج لاهي هت وڃ هيٺ ويهي ٿا وسرام وٺون. صبح ٿيون گهوڙي جو ٿڪ پچي پوندو، پوءِ اڳتي روانا ٿينداسين. هن چيو ٺيڪ آهي. پوءِ سنج لاهي وڃائي ويٺاسون. مون هن کي چيو ته تون سمهي پئو ته گهوڙي جي نگهداري پيو ڪندس. هن چيو ته اهو ڪيئن ٿو ٿي سگهي؟ مالڪ پيو چوڪيداري ڪري ۽ نوڪر پيو ننڊون ڪري. توهان سمهي پئو، آءٌ پيو جاڳندس. خير هي جاڳندو رهيو. آءُ ليٽي پيس. ٿوري جهڙي ننڊ ڪرڻ کان پوءِ هڪل ڪيم ته جاڳين پيو يا ستو پيو آهين. جواب ورندي ڏنائين ته جاڳان ته پيو پر هڪڙي مسئلي اهي منهنجي چڙهيو آهي. پڇيم ته اهو مسئلو ڪهڙو آهي؟ چيائين، ٻڌو اٿم ته هي ڌرتي پاڻي مٿان الله سائين بيهاري آهي. جي پاڻي مٿان بيٺل آهي ته پوءِ ٻڏي ڇو نٿي؟ مون چيو ته انهن خلقتان کي ڇڏ، گهوڙي جو ڌيان ڪج. چيائين توهان بي فڪر رهو. آءٌ وري جيلهه سڌي ڪرڻ لڳس، پر گهٽو نه ننڊ پئي آيو. الا ننڊ ته الا سجاڳي هيم. سو پهر ڪن ڪان پوءِ وري پڇيو ماڻس ته هوشيار آهين، ڪي ننڊ ته هوڙي؟ چيائين سجاڳ آهيان، پر وري هيو معاملو مغز ۾ ڪپ ڪوڙي ويٺو اٿم. چيو ماڻس ته اهو وري ڇا آهي؟ چيائين ري پنهين آسمان بيٺو آهي. سو ڪري ڇو نٿو؟ چيو ماڻس الله ڪي مچ! ڇڏ انهي، پو ڪيباڻي ڪي، گهوڙو ته ڏيکاريئن. چيائين گهوڙو اکين آڏو ٻڌو بيٺو آهي. سو ڪٿي ٿو وڃي. توهان بيپرواهه رهو.

مون کي ليٽي پيرو جاڳ ٿي هڪل ڪٽي ماڻس. چيائين پلڪل جاڳان پيو، پر هڪڙو ته پيو سوداءُ لڳو چڙهيو. مون پڇيس ته الائجي ڪهڙو پورو ۾ آهين؟ الله سائين ٺل خير ڪري! چيائين ته پيو ته ڪو پورو ڪونهي، اهو ڪو اٿم ته الله سائين عادل انصاف پسند مولى مهربان آهي. پوءِ ڪي مالڪ ۽ مون کي نوڪر ڇو بنايو اٿس؟ جي پاڻ پٽي هڪ جهڙا هجون ها ته ڪهڙو گهاٽو پوي ها. ان تي مون کي ڇهان آئي. سخت تنبيهه ڪٽي ماڻس. چيو ماڻس ته پوين پهر آهي. وڏا ڏوڏا پٽي ويها آهي ترڪ ٽال ڇڏي ڏي. پوءِ اڄوڪو ڪلاڪ ڪان سمهي رهيس ۽ سج اڀرڻ تي اک پٽيم، جان ڪٽي ڏسان ته گهوڙو ئي ڪونه، ماڻڙو ٿي پڇيم ته اڙي گهوڙو ڪيڏانهن ويو؟ چيائين ته منهنجي به اوچتو اک لڳي وئي. گهوڙو شايد چور ڪاهي ويا. پر هاڻ سچهان ٿو ته خدا برابر انصاف ڪندڙ آهي. شايد منهنجي من جي منشا موجب اهو ڪم ٿيو آهي.

بس گهوڙي جي گم ٿيڻ تي منهنجا طاق لڳي ويا. پاڻيان ته هن کي ڪجهه ئي ڪاني ڇڏيان جنهن ڪري الٽيا دل ۾ رکي گهوڙو چوريو آهي. هاڻ چيو ماڻس گهوڙو ته ويو پر سنج کڻ ته ڪٺهن وسيو پيا ٿيون. ڪٽي هلي ڪا ڏانهن ڪرڪ ڏيون. من ڪوئي تدارڪ ٿي. ته سنجن کڻ ڪان نابري واري ويٺو آهي. پريان هن گوڙي کي ڏنو مون. چيو ماڻس ته هل ته هلي ڪنهن ڏاهي ڪان اچار ڪرايون. تون نوڪر ٿي سنج چو نٿو کڻين. چيائين ته هلو پوءِ هت آيا آهيون. ماڻهن چيو ته هت وتايو داناءُ ٿو رهي. ان کان وڃي فيصلو ڪرايو. تنهن توهان وٽ آيا آهيون. وتايي چيو مون سربستي ڳالهه سمجهي. نوڪر کي ڏنهن پوري پيا. جو تو هن کي پورو پگهار نه ڏنو آهي. هينئر ته پگهار جا پيسا ڏئيس ته ٻلاتڪ سنج ڪٽي هلندو. مالڪ چيو ته اجهي سنڌس مهيني جي پگهار جا ريا. توهين وٺي ڏيوس ۽ چئوس ته هلي سنج کڻي. وتايي نوڪر کي رپيا ڏنا ۽ چيائينس ته اٿا، پنهنجي مالڪ سان گڏجي وڃي سنج ڪڻي اچ! هن چيو مون سنج کڻڻ ڪان انڪار نه آهي، ڪري ڪيو هو جو پگهار نٿي ڏنائين. هاڻ وڃان ٿو. ٿوري دير ڪان پوءِ ٻئي موٽي وتايي وٽ آيا. چيائون سائين سنج نه اتان ڪو ڪٽي ويو آهي. وتايي چيو ته مون سوچيو ته اوهين جو ضد ڪري آيا آهيو سو ويٺو ان ئي شائي ٿي وٽي هوندي. ڏنهن ته نوڪر کي پگهار ڏيارايم. جو سنجن کڻ جي آسري تي توهان ڏنو هو پر جي سنج نه ڏسر ها ته پگهار هرگز نه ڏيوس ها. هاڻي گهوڙي ۽ سنجن جون ڳالهيون ڪندا وڃي گوٺ رسو.

شاعري غزل

ڌرتي جهڙي ماءُ ڏٺي ڪا،
جهولي جهڙي جاءِ ڏٺي ڪا،
سچ زهر آهي پوءِ ٻه
پيالا ڀري پيئون ٿا،
اي زندگي ڪردار
اسان جو ياد ڪجان،

سارين نسرڻ شروع ڪيو آ
مان جلدي توکي والاوٺي ڏيندم
بس دعا ڪجان فصل ڀلو ٿئي

وار ڇوڙي مون مٿان جنهن ڇانو ڪئي،
تنهن جي وارن ۾ ورن سان سر لڳي

جتي اسان جي مخالفت عروج تي هجي
اتي اسان شوق سان قدم رکندا آهيون
واااه سهانا وااه
ڪاش! منهنجي آشياني تون اچين،
ڪاش! مون وٽ ڪنهن بهاني تون اچين!

تنهجي هڪ مسڪراهٽ
ميدان ۾ وڙهندڙ
لشڪر ڪان هٿيار ڦٽا
ڪرائي سگهي ٿي

پنهنجو وڇوڙو
ممڪن ناهي
ڀلي ڪوئي
ڪجهه ٻه ڪري
ڏسي

مان خوب واقف آهيان ڳالهين
جي هنر ڪان،
ان ڪري ايندي ناهيان ڪنهن
جي ٻه ڳالهين ۾ واه

تون ئي محسوس ليندو آن چئني طرفن ڪان
تو تان تنهنجي اچڻ واري هر خيال
تان صدقو
اسان سڪي هي ناهي
منافقت
سائين
جيڪو زبان تي آهي اها دل ۾ آهي.

تون بن سواءِ پرين اڄ تنهنجي
شهر ۾ ڀٽڪندو ودو آن گهٽين ۾
غيرن سا ڪيڙيون شڪايتون
سائين
اسان ته پنهجن کي پهي زهر لڳهندا آيون

او سگريٽ پي ڇڏوارا
ڪڏهن منهنجي
هٿ جي چانهن
پي ڏس ؟؟

وقت ڪان پهرين ڪيئي حادثن سان
وڙهيو آهيان..!
مان پهنجي عمر ڪان ڪيئي سال وڏو
آهيان.
تون ڳڏ آن ڏيورا آهون
سائين
اسان تو بن ادورا آهيون
عزت ڪرڻ واري کي اکين تي رکو
باقين کي پنهنجي اوقات ۾ رکو

شڪايت آ ساقي ڪي ميخاني
جي سيني رندن ڪان..
عجيب ڏک آ محبت پي ڪري ٻه
وسري نٿي..

تون منهنجو ذهني سڪون آهين
مالڪ سائين
ڳالهه صرف محبت جي ناهي ـــ!

اسين ار دوانا ماٺهون محبت جا
اسان جي دل تي راڄ محبت جو،
اسين مالهي يار محبت جا.
اسان جي سر تي تاج محبت جو.
ڳاڙهي چپ تي
ڪاري ترجي تنهايي
تون چا چاتي...؟
جنهن نظر سان نظر انداز ڪرين ٿو
انهي نظر سان ڳولهيندو رهجي
ويندين.

توکي ۽ تنهنجن يادن کي
چاهي،،
ٻوڳيون ته يار اسان ٿا
نشوهو ان جي ڪوڙين ڳالهين ۾...!!!!
هو وقت گذاريندا رهيا اسان
عادي ٿيندا وياسين..!!
معصوم چهرو ۽ نشيليون نگاهو..!!
تنهنجون ادائون ٻه سڀ البيليون..!!

نفرت جي اظهار لاءِ هڪ تلخ لهجو
ئي ڪافي هوندو آ
۽ محبت جي اظهار لاءِ هڪ چانهن
جو
ڪوپ
پيارڻ
ئي
ڪافي
هوندو آ

حيدرآباد ۾ نماز جا وقت				
عشاء	مغرب	عصر	ظهر	فجر
7:25 PM	06:05 PM	4:29 PM	12:39 PM	5:53 AM

ٽرين جو وقت

DN 10 5:28 / 5:33	UP 9 16:33/ 16:38	علامه اقبال ايڪسپريس
DN 14 15:30 / 15:55	UP 13 9:56 / 10:01	عوام ايڪسپريس
DN 38 03:35 / 03:45	UP 37 22:30 / 22:15	فريد ايڪسپريس
DN 6 11:20 / 11:25	UP 5 00:10 /00:15	گرين لائن
DN32 04:48 / 04:50	UP 31 17:10 / 17:12	جناح ايڪسپريس
DN 16 9:10 /9:15	UP 15 18:40 / 18:48	ڪراچي ايڪسپريس
DN 150 06:10 /06:20	UP 149 19:00 / 19:10	مهراڻ ايڪسپريس
DN 146 04:05/04:10	UP 15 01:20 / 01:28	سکر ايڪسپريس

اڄ جا ستارا ڇا ٿا چون

حمل (21 مارچ - 20 اپريل): اوهان جي حڪومت سان ٿيندڙ معاملن ۾ ڪجهه وقت لاءِ رڪاوٽون اچي وينديون پر ٽڪرو ٿي نه ٿي ويندو. ڪجهه ماڻهو وڏي عرصي کان سازشن ۾ مصروف آهن

ميزان (24 سيپٽمبر - 23 آڪٽوبر): سماجي، فلاحي ۽ ترقياتي ڪمن تي اوهان وڏي عرصي کان ڪم ڪري رهيا آهيو. جنهن سان رهيل هڪ اهم پراجيڪٽ مڪمل ٿيڻ لاءِ اڳڀرائي ٿي رهي آهي.

ثور (21 اپريل - 21 مئي): بيڪار ڳالهين سان اوهين پريشانين جو شڪار ٿي ويا آهيو. تنهنڪري پنهنجي مزاج کي ٿڌو رکو. ايندڙ وقت جي رٿابندي ڪري نئون سفر شروع ڪيو

عقرب (24 آڪٽوبر - 22 نومبر): توهين جذبات تي قابو رکڻ جي صلاحيت رکو ٿا، تنهنڪري ڪاروبار ۾ هڪ ڏر لاڳيتو ڪاوڙ پٽي ڏياري پر صبر کان ڪم ڀيا وٺو، ان سان مالي فائدو ٿيندو

جوزا (22 مئي - 21 جون): ڪاروبار ۽ زندگي جي ٻين اهميت وارن معاملن ۾ جيڪي تڪليفون اچي رهيون آهن، انهن تي پريشان ٿيڻ جي ضرورت ناهي، احتياط سان ڳالهين کي اڳتي وڌايو

قوس (23 نومبر - 21 ڊسمبر): بهترين ۽ معياري ڪم ڪرڻ سبب اوهان جي مشهوري هر جڳهه تي ٿي رهي آهي. جنهن سان استاد، دوست ۽ گهرڀاتي تمام گهڻا خوش آهن. جيڪي پارٽي ڏيندا

سرطان (22 جون - 23 جولاءِ): ڪجهه اضافي ڪمن جي ڪري اوهان ذهني دٻاءُ ۾ اچي پنهنجي ماتحت ماڻهن تي ٻجائي ڪاوڙ ڪندا. گهريلو زندگي ۾ مسئلا پيش اچڻ جو وڌو امڪان آهي.

جدي (22 ڊسمبر - 20 جنوري): مخالف ماڻهو اوهان خلاف دشمني ڪرڻ کان پرهيز ڪرڻ جي خاطري ڏيندا، جنهن سان مالي طور تي حالتون وڌيڪ بهتر ٿي وينديون ۽ ڪاروبار ۾ ٻه اضافو ٿيندو

اسد (24 جولاءِ - 23 آگسٽ): پاڙن ۽ ڀيڻن سان اوهان جا لاڳاپا وڌيڪ مضبوط ٿيندا، اوهين نئين گهر جي خريداري جي لاءِ هڪ اهم سودو ٻه ڪري ورتو آهي. ڏيتي ليتي ۾ احتياط ڪندا

دلو (21 جنوري - 19 فيبروري): پرڏيهه ۾ رهندڙ ڪجهه دوست فون يا ڪنهن ذريعي سان رابطو ڪندا، جنهن سان ڪاروبار ۾ واڌ ايندي ۽ ڪيترائي نوان منصوبا ملڻ جي اميد پيدا ٿي رهي آهي.

سنبلھ (24 آگسٽ - 23 سيپٽمبر): اوهان جون ڪيتريون ئي پراڻيون خواهشون پوريون ٿينديون، جنهن سان دل کي سڪون ۽ خوشي محسوس ٿيندي، هڪ پري جو مائٽ ملاقات ڪري خوشخبري ڏيندو

حوت (20 فيبروري - 20 مارچ): اوهان جا ڪيترائي مسئلا پاڻمرادو حل ٿي ويندا، جنهن سان دماغ تي موجود بار هٽي ويندو ۽ دلي طور پرسڪون ٿيندا، قرض لاهڻ لاءِ ڪوششون لازمي طور ڪيو



توهان جي مدد لاءِ موجود ادارن جا نمبر

115	ايڌي
1020	ڇهيپا
15/022_3870326/1135	پوليس
1101/+92 347 900 1111	رينجرز
022_3871299	ڊي سي آفيس حيدرآباد
16/022_9239121	فائر برگيڊ
+92 21 35872214& 35824205_7	پي پي ايڇ آءِ هيڊ آفيس
03041927617 /03041927618	حيسڪو نمبر
0310 0081111	واٽر پارڪ
(021)99203151_9 /(021)99203221	هاءِ ڪورٽ حيدرآباد
784380	سوئي سدرن گئس ڪمپني
022_9200303_4	بم جو اطلاع

ڪراس ورڊ

Name: Date:

x	k	c	o	l	b
l	n	e	e	r	g
l	g	l	o	b	e
o	q	n	c	w	c
d	n	s	h	o	e
u	w	k	c	u	d

shoe
duck
doll
globe
block
green

رنگ ڀريو

گهوٽڪي ۾ ايس ايس پي آفيس اڳيان ڳوٺاڻن جو اي سيڪشن پوليس خلاف احتجاج

ڳوٺ ٻاڦهون ملڪ جي ڳوٺاڻن ڪامريڊ مير احمد مهر عبدالله ملڪ ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو ويو

هڪ مهينو اڳ گهوٽڪي ڪورٽ اڳيان ڪرولا ڪار نمبر AGL 952 چوري ٿي وئي هئي : مظاهرين

مهيني کان وڌيڪ عرصو گذري وڃڻ باوجود پوليس گاڏي رڪور ناهي ڪرائي سگهي، نوٽيس ورتو وڃي

گهوٽڪي : ايس ايس پي آفيس اڳيان ڳوٺاڻا اي سيڪشن پوليس خلاف احتجاج ڪندي

سڪرنڊ پرسان ڪچي پٽ ڪرڻ سبب معصوم نينگري فوت

ڳوٺ سرائي مراد علي چانڊيو واسڻ نياڻي سنڌيا اوڏ پٽ ڪرڻ سبب فوت ٿي وئي

اوچتي واقعي سبب معصوم نياڻي سنڌيا جا مائٽ گهري صدمي ۾ ورتل

08 /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر

دادو ۾ پوليس جاڳي پٽي، 2 ڦورو ٻن موٽرسائيڪلن سميت گرفتار ڪيا ويا

07 /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر

ٺٽي ۾ ماهگيرن جي ٻيڙي ٻڏڻ وارو ماملو، وڌيڪ چار ڄڻن جا لاش هٿ

اسان ٻهين ڏينهن کان سرچ آپريشن ڪري رهيا آهيون چار ڄڻن جا لاش هٿ آيا آهن: پاڪ نيوي

مدد واڪ پاڻي جي تر تائين ڪيو پيو وڃي اميد آهي جلد ٿي وڌيڪ ٻوڙيل لاش هٿ اچي ويندا

16 /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

ميرپورماٿيلو ڊي ايڇ ڪيو اسپتال گئس حوالي ٿيڻ باوجود عوام لاءِ بي لاڀ بڻيل

ڊي ايڇ ڪيو اسپتال ۾ مختلف علائقن کان ايندڙ مريض سهولتن جي کوٽ جون دانهون ڪرڻ لڳا

نوٽيس وٺي ڊي ايڇ ڪيو اسپتال ميرپورماٿيلو ۾ سهولتون ميسر ڪيون وڃن: رهواسي

/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

سجاول ۾ يوم صديق اڪبر رضه بابت عظيم الشان ريلي ڪڍي وئي

يوم صديق اڪبر رضه جي وفات تي عام موڪل ڪئي وڃي: حافظ رياض ميمڻ

صحابه رضه جي سيرت امت مسلمه لاءِ مشعل راهه آهي: حافظ اسماعيل ڪچي

/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

سجاول : يوم صديق اڪبر رضه بابت عظيم الشان ريلي ڪڍي پئي وڃي

لاڙڪاڻي ۾ مراد واهڻ پاڙي جي رهواسين پاران ٻن ڀائرن جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاجي مظاهرو

سمير بروهي ۽ جميل بروهي واري ڪيس ۾ ملوث جوابدارن جي گرفتاري لاءِ وارثن پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو

پوليس هن وقت تائين خاتون پوليس اهلڪار ارحم شاهين ۽ ٻين جوابدارن کي پوليس گرفتار نه ڪري سگهي آهي: مظاهرين

نوٽيس وٺي ٻنهي ڀائرن جي قتل ڪيس ۾ ملوث سمورن جوابدارن کي گرفتار ڪري انصاف ۽ تحفظ فراهم ڪيو وڃي: مطالبو

لاڙڪاڻو : مراد واهڻ پاڙي جي رهواسين پاران ٻن ڀائرن جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاج ڪندي

/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

دادو پرسان بيواهه پيرسن عورت پاران نوجوان کي ڪنيچ خلاف احتجاج

نوابشاهه ۾ اسد جسڪاڻي تي قاتلاڻو حملو ڪندڙن جي گرفتاري لاءِ احتجاج

اسد جسڪاڻي تي قاتلاڻو حملو ڪندڙن کي هن وقت تائين گرفتار ناهي ڪيو ويو: مظاهرين

نوٽيس وٺي اسد جسڪاڻي تي قاتلاڻو حملو ڪندڙن کي گرفتار ڪري سخت سزا ڏني وڃي

/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

ڊپٽي ڪمشنر مٽياري سيد مرتضيٰ علي شاهه جي صدارت هيٺ جبري پورهئي بابت اجلاس منعقد

اجلاس ۾ جبري پورهئي، چائلڊ ليبر جي خاتمي لاءِ حڪومت پاران جوڙيل قانون مطابق سخت ايڪشن کڻڻ جو فيصلو ڪيو ويو

سنڌ حڪومت پاران، معاشري جي هيٺين طبقي توڙي پورهيتن جي حقن جو تحفظ ڪرڻ لاءِ قانون جوڙيا آهن: ڊپٽي ڪمشنر

/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

مٽياري : ڊپٽي ڪمشنر سيد مرتضيٰ علي شاهه جي صدارت هيٺ جبري پورهئي بابت اجلاس جو ڏيک

ٽنڊو باگو خان ۾ ايم پي اي ڊاڪٽر لالچند اڪراڻي پاران مختلف ڳوٺن ۾ تعزيتون، عذرخواهيون

سيرهاڻي کان ٽنڊو احمد خان تائين 25 ڪلوميٽر پڪي روڊ جو ڪم جلد شروع ٿيندو ٽينڊر منظوري چڪو آهي: لالچند اڪراڻي

وڌيڪ ترقياتي ڪمن جو جار وڇايو ويندو، جنهن ۾ ڪوهستان جون مذهبي عبادتگاهون ۽ ٻيون عوامي اسڪيمون شامل آهن

/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

ٽنڊو باگو خان : ايم پي اي ڊاڪٽر لالچند اڪراڻي پاران مختلف ڳوٺن ۾ تعزيتون ڪندي

خيرپور ۾ ناليواري رٽائرڊ پروفيسر شفيع محمد شيخ جو ٽيجهو ٿي گذريو

/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

راڻيپور ۾ ٽائون ڪاميٽي، پبلڪ هيلٿ، ٻي ٽي سي ايل جي آفيسرن ادارن ۾ ڪروڙن جون گهوٻيون

شهرين سماجي تنظيمن پاران بار بار احتجاج ريلين ڌرڻن ڪرپٽ آفيسرن جا پول پڌرا ڪري ڇڏيا، اختيارين نوٽيس نه ورتو

لنيل هڪ هڪ روپئي جو ڪڙو حساب ٿيندو، جلد انهن ادارن ۾ ٿيل ڪرپشن جي جاچ شروع ڪئي ويندي: ذريعا

شهر جي سياسي سماجي ادبي ڪاروباري مذهبي ۽ ٻين پاران معاملي جو نوٽيس وٺي انصاف ڏيارڻ جي گهر

/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

سجاول ۾ پ پ پ جي اقبال احمد ميمڻ جي صدارت ۾ اهم گڏجاڻي

لانگ مارچ ۾ شرڪت ڪري بلاول ڀٽو زرداري جا هٿ مضبوط ڪنداسين: اقبال ميمڻ

نااهل حڪومت مان جان آجي ڪرائينداسين، بلاول ڀٽو زرداري ملڪ جو وزيراعظم ٿيندو

/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

پڊعيدن نيشنل پريس ڪلب جي صحافين جي چونڊ ٿي گذري

سرپرست اعليٰ پير رڪن الدين قريشي صدر وقار ابراهيم راڄپر چونڊيجي ويا

جنرل سيڪريٽري رفيق علي سومرو، خزانچي محمد عارف راجپوت ۽ ٻيا منتخب

/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

سماجي اڳواڻ ڪامريڊ انور ملاح جي احتجاج کي انصاف نه ملي سگهيو

بااثر جوابدارن ڪوٽڙي ۾ منهنجي پلاٽ تي قبضو ڪيو آهي: انور ملاح

پلاٽ تان قبضو فوري طور ختم ڪرايو وڃي ۽ اسان سان انصاف ڪيو وڃي

/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

ميهڙ مان 6 مهينا اڳ گم ٿي ويل نينگر جو پتو نه پئجي سگهيو

سالا نادر علي ولد دلاور ڪوسو جو پتو پيو، سنڌس والدين سخت پريشان

اسان جي ڪنهن سان به دشمني ناهي ڳولا ۾ مدد ڪئي وڃي: وارث

/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

ٻهارو ديرو پرسان تاريخي قبرستان مان پاڻي نه نڪتو

ڪروڙن جي بجيٽ هوندي به پاڻي جي نيڪال لاءِ علائقي واسي پريشان

معاملي جو نوٽيس وٺي قبرستان مان پاڻي نيڪال ڪرايو وڃي: رهواسي

/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

ظالمن جابرن ملڪ دشمن ٽولن خلاف علم ۽ قلم هٿ ۾ کڻي نڪتا آهيون ذوالفقار خاصخيلي

صحافين سماج سڌارڪن سميت سياستدان به زورآوري ڇڏي الله جي راهه تي هلي مظلوم جو ساٿ ڏين

سچي سنڌ ۾ ڪارنر گڏجاڻيون ڪنوينشن ۽ اجلاس ڪرائي رهيا آهن: شوڪت نوناري جون ڳالهيون

/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

سانگهڙ ۾ ڊپٽي ڪمشنر جي صدارت هيٺ جبري ۽ ننڍي عمر ۾ پورهئي بابت اجلاس منعقد

مقرر قانون تي هر صورت عمل ڪرايو ويندو جبري پورهيو جو ڪنهن به مهذب سماج ۾ تصور ئي ناهي: ڊپٽي ڪمشنر عمران الحسن

ايگريڪلچر، سرن جي ڀٽن ۽ ڪاٽن فيڪٽرين ۾ جاچ ڪبي، ڪو قانون جي ڀڃڪڙي ڪندڙن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي

ڪو قانون جي ڀڃڪڙي ڪري ته ان جي نشاندهي ڪئي وڃي ته جيئن انهن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي: اجلاس کي خطاب

/بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 02

سانگهڙ : ڊپٽي ڪمشنر سانگهڙ ڊاڪٽر عمران الحسن خواجه اجلاس جي صدارت ڪندي

ايس ايس پي جيڪب آباد شمائل رياض ملڪ بدلي ڪيس سي پي او رپورٽ ڪرڻ جو حڪم

/بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 01

صحافي حسنين جو قتل آزاد صحافت تي حملو سمجهون ٿا: الطاف حسين تنيو

پريس ڪلب جي سامهون صحافي کي شهيد ڪرڻ واري واقعي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪجي ٿي

حڪومت صحافين کي تحفظ ڏيڻ ۾ ناڪام رهي وفاقي حڪومت فوري نوٽيس وٺي: ڳالهيون

/بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 03

ڪوهستان امن جي ڌرتي آهي اسان سڀ قومون ڀائرن وانگر رهون ٿا : ملڪ اسد سڪندر

ڪوهستان جهڙو امن پائيچاري توهان کي ڪٿي به نه ملندو، مرحوم وڏيرو پيارو خان شودو منهنجو ويجهو ساٿي هو

مرحوم جي فرزند روشن علي برفت کي به پنهنجي والد مرحوم ۽ ڪوهستان جي ريتن رسمن مطابق هلڻ گهرجي

اميد ٿو ڪيان ته روشن برفت غريب عوام جي خدمت ڪندو پنهنجي پيءُ جي نقش قدم تي هلي حق سچ اصول تي هلندو

/بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 04

ٿاڻو بولا خان : پڳ جي رسم ۾ چيف سردار ملڪ اسد سڪندر خطاب ڪندي

لاڙڪاڻي ۾ پيرسن پاران پٽ جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاج جاري، انصاف جي گهر

/بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 05

منصور ٽالپر جي قتل ڪيس جا جوابدار گرفتار نه ٿيا، وارثن پاران احتجاجي ڪئمپ قائم

20 جنوري ٽنڊو باگو پوليس ٽلهار جي حد ۾ ڪاروائي ڪري منصور ٽالپر کي گم ڪري ڇڏيو هو

جيستائين منصور جا قاتل گرفتار نٿا ڪيا وڃن تيستائين احتجاجي ڪيمپ قائم رکي ويندي: وارث

/بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 06

لاڙڪاڻي ۾ "صديق اڪبر ڪانفرنس" ٿي گذري، اڳواڻن جي وڏي انگ ۾ شرڪت

/بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 07

سيوهڻ پرسان تيز رفتار مسافر وين ٽائر برسٽ ٿيڻ سبب ڪلٽي، 2 فوت، 18 کان وڌيڪ زخمي

انڊس هاءِ وي تي ڳوٺ آراضي رٽ ميهڙ کان حيدرآباد ويندڙ تيز رفتار مسافر وين ٽائر برسٽ ٿيڻ سبب ڪلٽي ٿي پئي

فوتين جا لاش ۽ زخمين کي مختلف گاڏين ذريعي سيوهڻ اسپتال آندو ويو، پوليس حادثي جو ڪيس داخل ڪري ورتو

حادثي ۾ زخمي ٿيل سيتا واسي زڪا الله سولنگي کي انتهائي ڳنڀير حالت ۾ حيدرآباد منتقل ڪيو ويو

/بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 10

نئن ۾ عوامي شاعر عبدالڪريم گدائي کي ڀيٽا پيش ڪرڻ لاءِ ادبي ميلو جاري

ڪتابي ميلي جو افتتاح سنڌ سگهڙ ڪانفرنس، سگهڙن واهه واهه ڪرائي ڇڏي

موجوده دور ۾ سنڌي ڪتاب وڏي تعداد ۾ ڇپجي رهيا آهن : سيد مظهر علي شاهه

/بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 08

نئن : عوامي شاعر عبدالڪريم گدائي کي ڀيٽا پيش ڪرڻ لاءِ ڪوٺايل ادبي ميلي جو ڏيک

ٽنڊو محمد خان ۾ يوم وصال خليفه اول حضرت ابوبڪر صديق رضه عقيدت احترام سان ملهايو ويو

سني رابطه ڪونسل جي مولانا سرفراز قريشي مولانا احمد فاروقي، حافظ عمران، مولانا عبدالوهاب لاشاري، يعقوب قريشي جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي وئي

22 جمادي الثاني خليفه بلافصل حضرت ابوبڪر صديق رضه جي وفات جو ڏينهن آهي انهن صديق اڪبر جنهن سڄي زندگي حضور اڪرم صه سان گڏ گذاري: عالم

حضرت ابوبڪر صديق رضه هر موڙ تي حضور اڪرم صه سان پنهنجي وفاداري نڀائي حضرت ابوبڪر صديق رضه سڀني کان پهرين اسلام قبول ڪيو

/بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 09

جيڪب آباد ۾ ڳوٺاڻن پاران زرعي ترقياتي بينڪ عملي جي مبينا زيادتين خلاف احتجاجي مظاهرو

ڳوٺ دين ڳڙهه قاسم خان ڪوسو جي رهواسي عبدالله پٽ عزيزالله جت پنهنجي معصوم ٻچڙن سان گڏجي احتجاج ڪيو

بئنڪ انتظاميه پاران روزي روٽي جو ذريعو صرف زمين ٽڪرو آهي جنهن تي به مون سان فراڊ ڪيو ويو آهي: مظاهرين

معاملي جو نوٽيس وٺي مون بيوس تي رحم ڪندي زرعي زمين جا ڪاغذ واپس ڪرايا وڃن ٻي صورت ۾ احتجاج وڌائيندو

/بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 11

جيڪب آباد : ڳوٺاڻا زرعي ترقياتي بينڪ عملي جي مبينا زيادتين خلاف احتجاج ڪندي

مٽياري پرسان قتل ٿي ويل پيءُ پٽ جو ڪيس داخل

ڪيس ۾ هڪ عورت سميت ڇهن ڄڻن کي نامزد ڪيو ويو

ڪيس داخل ٿيڻ بعد پوليس جوابدار گرفتار نه ڪري سگهي

/بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 12

سانگهڙ ۾ آر او واٽر فلٽر پلانٽ جي ملازمن جو مطالبن جي مڃتا لاءِ پريس ڪلب آڏو مظاهرو

سنڌ گورنمينٽ جي آر او واٽر فلٽر پلانٽ جا پروجيڪٽ ناڪاره بڻجڻ لڳا آهن: مظاهرين جون دانهون

هڪ سال جو ٺيڪو هڪ نجي ٺيڪيدار کي ڏنو ويو، ضلعي جي عوام ۽ آر او جا ملازم پريشان آهن

اسان کي پگهارون ڏئي اسان سان انصاف ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وسيع ڪنداسين

/بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 13

سانگهڙ : آر او واٽر فلٽر پلانٽ جي ملازمن طرفان مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

سيتا جا اسڪول ۾ استاد جي سي ڊي موٽر سائيڪل چوري، پوليس سيلبون ڪيرائڻ ۾ پوري

/بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 17

ڊپٽي ڊائريڪٽر انفارميشن عامره زرناش پريس ڪلب ڪنڌڪوٽ پهتي

پريس ڪلب صدر ۽ جنرل سيڪريٽري پاران سنڌ جي ثقافت اجرڪ جو اجايانو ڏنو ويو

صحافين جي اڪريڊيشن ڪارڊ ۽ ٻين مسئلن کي پڻ جلد حل ڪيو ويندو: عامره زرناش

/بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 16

ڪنڌڪوٽ : ڊپٽي ڊائريڪٽر انفارميشن عامره زرناش ميڊيا سان ڳالهائيندي

سيتا جا واسي سول جج ڪراچي ۾ ل جو دورو پوڻ سبب فوت، امڙ ۽ ڀيڻن کي بيهوشي جا دورا

/بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 15

گمبٽ شهر ۾ گندگي جا ڍير نالين جو گندو پاڻي روڊن تي وهڻ لڳو

شهري پريشان، گندو پاڻي نيڪال نه ٿيڻ خلاف شهري جو احتجاج، اپ ڏاريندڙ دانهون

شهر جي سياسي سماجي ادبي ڪاروباري مذهبي ۽ ٻين ڌرين پاران نوٽيس جي گهر

/بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 18

ف ليگ سنڌ جي جوائنٽ سيڪريٽري جي نيشنل پريس ڪلب سيتا جا آمد

تعلقي جي عوام جي مسئلن جي حل لاءِ ڀرپور ڪردار ادا ڪنداسين : عطاءُ الله خان

سنڌ سرڪار مڪاني ادارن سميت سمورن ادارن کي تباهه ڪري ڇڏيو آهي: ڳالهيون

/بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 14

دادو: پبلڪ هيلٿ کاتي ۾ ڊيلي ويجز تي ڪم ڪندڙ ملازم کان فراڊ ڪرڻ جو انڪشاف

بااثر ڪامورن مونکي پڪو ڪرڻ لاءِ 5 لک گهريا جنهن کي 3 لک ادا ڪيا آهن: راهب چانڊيو

۽ لک نه ڏيڻ تان مونکي نوڪري مان ٿي فارغ ڪري 3 لکن جو فراڊ ڪيو ويو آهي: پريس ڪانفرنس

/بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 19

لاڙڪاڻي ۾ سيدنا حضرت ابوبڪر صديق رضه جي وصال واري ڏهاڙي تي ڪانفرنس منعقد

اسان خليفه اول بلافصل سيدنا حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه جي وصال جو ڏهاڙو ملهائي رهيا آهيون: عالم

هي ڏهاڙو ان عظيم هستي جي وصال جو ڏهاڙو آهي، جيڪو نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جي خاص اصحابي آهي: خطاب

/بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 20